لاجواب تقرير، بحوالا ۽

اصل ڪتابن جا عڪس پڻ موجود

# اهلبيت رضوان الله عليهم اجمعين

# جو رستو

بيان

علامه محمد عبدالستار تونسوي رحمة الله عليه

ترتيب و تدوين ۽ سنڌيڪار

سيد ابو حمزه بخاري

ناشر

بخاري پبليڪيشن

جمله حقوق ناشر وٽ محفوظ آهن


| | |
|---|---|
| ڪتاب جو نالو: | اهل بيتؓ جو رستو |
| واعِظ جو نالو: | حضرت علامہ محمد عبدالستار تونسوي رحمۃ اللہ علیہ |
| بيان جو هنڌ: | ملتان |
| مرتب و مترجم: | سيد ابو حمزه بخاري |
| ڪمپوزنگ: | سيد ابو حمزه بخاري |
| ناشر: | بخاري پبليڪيشن |
| تاريخ اشاعت: | جون 2016(رمضان المبارک ۱۴۳۷ھ) |
| اشاعت نمبر: | اوّل |
| تعداد: | ۱۱۰۰ |
| صفحات: | ۸۸ |


## ملڻ جا هنڌ:

سنڌ جا مشهور اسلامي ڪتب خانا

# فهرست


| | |
|---|---|
| عرض مرتب ........................ | ۵ |
| دين جي ضرورت ........................ | ۷ |
| آخرت جو آرام........................ | ۸ |
| تقرير جو مقصد ........................ | ۹ |
| ڪاميابي نبي سائين ﷺ جي سنتن ۾ آهي ........... | ۹ |
| مسلمان جو هر ڪم سنت جي مطابق هجي ........... | ۱۰ |
| نبي ﷺ صحابہ ڪي ڪهڙو دين سيکاريو ........... | ۱۱ |
| اهلبيت رضوان الله عليهم اجمعين جي باري ۾ اهل سنت جو عقيدو ........... | ۱۳ |
| اهلبيت رضوان الله عليهم اجمعين جي گهراڻي جا سڀئي تن پاڪ آهن ........... | ۱۴ |
| اهل سنت جي هر مسئلي تي نبي ﷺ جي مهر موجود آهي .... | ۱۵ |
| اهل سنت جي آذان رسول الله ﷺ واري ........... | ۱۶ |
| حضرت صديقؓ ۽ حضرت صادقؒ جو پاڻ ۾ رشتو ........... | ۱۷ |
| حضرت جعفر صادقؒ رمضان ۾ ۲۰ رڪعتون تراويح پڙهيون... | ۲۰ |
| اسانجي تراويح نماز حضرت عليؓ واري........... | ۲۱ |
| دين اسلام جي اصل عبادت........... | ۲۲ |
| تعزين ۽ تابوتن جي حقيقت ........... | ۲۴ |
| شيعن جي آذان جو ثبوت دنيا جي ڪنهن ڪتاب ۾ ناهي ..... | ۲۵ |
| شيعہ فقہ جعفريہ ڪي نہ ٿا مڃن ........... | ۲۶ |
| اَلصَّلَاةُ خَيْرٌ مِّنَ النَّوْمِ جو حديث مان ثبوت ........... | ۲۶ |
| پاڪ پيغمبر ﷺ جا وزير ۽ مشير........... | ۲۸ |
| پاڪ پيغمبر ﷺ جي تعليم ۽ تربيت جو اثر ........... | ۳۰ |
| جنازة الرسول الله ﷺ ........... | ۳۲ |
| حضرت حسينؓ جي سواري ڏاچي هئي، نہ ڪي گهوڙو ........... | ۳۳ |
| سوچ تہ سهي! ........... | ۳۵ |
| پاڪ پيغمبر ﷺ جي جنازي ۾ تمام صحابہ جي شرڪت...... | ۳۷ |

پاڪ پيغمبر ﷺ جي جنازي ۾ حضرت ابوبڪرؓ ۽ حضرت عمرؓ
جي شرڪت........................................ ۳۸
حضرت ابوبڪرؓ پاڪ پيغمبر ﷺ جي مصلي تي .............. ۴۰
شيعہ ڪتابن مان پاڪ پيغمبر ﷺ جي چئن نياڻن جو ثبوت.. ۴۱
هڙادو اذان .............................................. ۴۳
ابوبڪر صديقؓ پهريون خليفو ................................ ۴۴
حضرت عليؓ جي حضرت ابوبڪرؓ جي هٿ تي بيعت ........... ۴۶
خاندان نبوت ۽ صحابہ جي پاڻ ۾ رشتيداري ................ ۴۸
غير مسلمانن وارو طريقو..................................... ۴۹
ڪارو لباس ................................................ ۵۰
امامن پنهنجن ٻارن جو نالو عمر رکيو. ان جو ثبوت ........... ۵۱
پير علي رضي الله عنہ، صديق رضي الله عنہ جي پويان نمازون پڙهندا رهيا ...... ۵۲
وڏو چالاڪ ............................................... ۵۳
اسان نبيءَ ﷺ ۽ عليؓ جا غلام آهيون ......................... ۵۴
حضرت علي سائينؓ صفين وارن کي مومن سڏيو آهي......... ۵۶
اهل بيتؓ ۽ صحابہؓ جو پاڻ ۾ تعلق ............................ ۵۹
صديق اڪبرؓ هر وقت نبي سائينؐ سان گڏ ...................... ۶۱
هجرت ۾ صديقؓ نبي سائينؐ سان گڏ ........................... ۶۲
سهڻي صديقؓ ڏنو، سهڻي عليؓ ورتو ........................... ۶۴
باغ فدڪ .................................................. ۶۶
باغ فدڪ ۽ خلفاء راشدين جي تقسيم ......................... ۶۸
شيعن وٽ بي بي سائڻ جا ست باغ ............................ ۷۱
ڪتابن جا عڪس.............. ۷۳ کان ۹۶
تائين

بسم الله الرحمن الرحيم

# عرض مرتب

الحمدلله ! الله رب العزت جا اڻ ڳڻيا احسان جو مون ناكاره كان حضرت علامہ عبدالستار تونسوي رحمة الله عليه جي هن آڊيو تقرير كي جيكا سرائكي ۾ هئي، سنڌي ۾ ترجمو ۽ گڏ كمپوزنگ كرڻ جي توفيق عطا فرمائي. الله پاڪ كان دعا آهي تہ الله پاڪ ان كم كي منهنجي لاءِ صدقہء جاريہ ۽ هن قوم لاءِ هدايت جو ذريعو بڻائي. ۽ جن دوستن هن كم ۾ منهنجي همٿ افزائي، رهنمائي ۽ كنهن بہ قسم جو تعاون كيو آهي الله تعالي انهن كي بہ اجر عظيم عطا فرمائي. آمين.

هن كتاب (يعني تقرير) جي اهميت وڌائڻ جي لاءِ مون تقريبا هر حديث ۽ هر واقعي جا حوالا (اصل كتابن مان ڏسڻ كان پوءِ) لكيا آهن. ۽ كن خاص عبارتن جا اصل كتاب مان عكس پڻ ڏنا آهن تہ جيئن كنهن كي كو كٽكو باقي نہ رهي ۽ كو چوڻ وارو ائين نہ چوي تہ بس مولانا تونسوي ائين ئي ڳالهيون كيون هونديون.

باقي هدايت رب جي هٿ ۾ آهي، انسان صرف كوشش ئي كري سگهي ٿو. الحمد لله منهنجو اهو چئلينج آهي تہ هن كتاب ۾ جيكي ڳالهيون آهن انهن كي كو غلط ثابت نہ ٿو كري سگهي.

كتابن جي عكسن جي باري ۾ اهو ٻڌائيندو هلان تہ اهلسنت ۽ اهل تشيع ٻنهي جي كتابن جا عكس ڏنل آهن، زياده تر عكس اهل تشيع جي كتابن جا آهن، ڇو تہ شيعہ حضرات جن ڳالهين جو انكار كندا آهن تہ انهن كي سندن ئي كتابن مان عكس ڏيكاري انهن كي فضول بهانن كرڻ كان لاجواب كيو وڃي. كتاب جي طويل ٿيڻ جي خوف كان سڀني حوالن جا عكس نہ ڏنا آهن، باقي عكس سڀني حوالن

جا مون وٽ موجود آهن. اصول تہ اهو آهي تہ هر ڪتاب جي عڪس ڪان پهريان ان ڪتاب جو ٽائيٽل بہ ڏنو وڃي تہ جيئن ڪتاب جي نالي ۽ ان بابت باقي ڄاڻ معلوم ٿئي ليڪن ڪتاب جي طوالت جي خوف ڪان ائين نہ ڪيو. باقي اڪثر ڪتابن جي صفحن تي مٿان ڪتاب جو نالو ڏنل هوندو آهي، جنهن تي هٿ جو نشان ٺاهي اشارو ڪيو ويو آهي ، جن عڪسن جي مٿان ڪتاب جو نالو ناهي لکيل تہ اتي پاسي ڪان ڪتاب جو ٽائيٽل ننڍو ڪري ڏيکاريو ويو آهي. تہ جيئن ڪتاب جي عڪس جي باري ۾ معلوم ٿئي تہ ڪهڙي ڪتاب جو عڪس آهي. عبارتن تي بہ هٿ جو اشارو ڪيو ويو آهي تہ جيئن عبارت ڳولهڻ ۾ آساني ٿئي. عڪسن جي حوالي سان اها بہ ڪوشش ڪئي وئي آهي تہ عڪس شيعن جا پنهنجا ترجما ٿيل اردو ڪتابن جا هجن تہ جيئن هر ڪو آسانيءَ سان پڙهي ۽ سمجهي سگهي. پر افسوس جو سواءِ ڪجهہ ڪتابن جي، مونکي هن ۾ گهڻي ڪاميابي نہ ڪانہ ٿي سگهي، ان جو هڪ سبب تہ اهو آهي تہ اهل تشيع جو هر ڪتاب اردو ۾ ترجمو ٿيل ناهي، ۽ ٻي ڳالھ اها تہ جيڪي ڪتاب انهن جا اردو ۾ ترجما ٿيل آهن تہ اتي هنن پنهنجي مذهب جي خلاف ڳالهين کي يا تہ بلڪل بدلائي ڇڏيو آهي يا وري اهو باب ئي ڇڏي ڏنو آهي يعني انهن ڳالهين جو ترجمو ئي نہ ڪيو ويو آهي تہ اتي اهڙن حوالن جا عڪس اصل ڪتابن (جيڪي ترجما ٿيل نہ آهن) مان ڏنا ويا آهن تہ جيئن اصل حقيقت معلوم ٿي سگهي. شيعہ حضرات تحريف جا وڏا ماهر آهن جيڪي قرآن مجيد فرقان حميد جي تحريف جا قائل آهن انهن کان باقي ٻيو ڪتاب ڪيئن ٿو محفوظ رهي سگهي.

والسلام

خادم اهل سنت

سيد ابو حمزه بخاري

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

الحمدلله وكفىٰ والصلوٰة والسلام علىٰ سيد الرسل وخاتم الانبياء صلى الله عليه وعلىٰ اٰله واصحابه وبارك وسلم۔ صلوٰة تكون للنّجاة وسيلة ولعلوّ الدرجات كفيلاً. اللهم صلى على محمد وعلى اٰل محمد وبارك وسلم. اما بعد: فاعوذ بالله السميع العليم من الشّيطٰن الرجيم بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ . وَمَآ اَرۡسَلۡنٰكَ اِلَّا رَحۡمَةً لِّلۡعٰلَمِيۡنَ ﴿۱۰۷﴾(سورة الانبياء آية ۱۰۷)

محمد صلى الله عليه وآله وسلم از تو مى خواهم خدا را
خدايا از تو عشق مصطفىٰ صلى الله عليه وآله وسلم را
ايمان ما اطاعتِ خلفاء راشدين رضي الله عنهم
اسلام ما محبتِ اٰل محمد صلى الله عليه وآله وسلم است

بزرگانِ ملت! دوستو ۽ عزيزو!

اڄ هي خالص ديني مذهبي، تبليغي، اصلاحي ۽ تعليمي پروگرام آهي. جنهن جو مقصد صرف الله جي رضا حاصل ڪرڻ آهي. دين جي تبليغ ڪرڻ هڪ مستقل فريضو آهي. نبين سڳورن عليهم السلام الله جي دين جي تبليغ ڪئي. جناب امام الانبياء محمد مصطفىٰ صلى الله عليه وسلم خاتم النبيين آهن. حضور سرور ڪائنات فخرِ موجودات منبع الفيوضات صلى الله عليه وسلم ڪانپوءِ دنيا ۾ ڪوبہ نبي ناهي پيدا ٿيڻو. هاڻي نبي پاڪ صلى الله عليه وسلم جن جي امت جو اهو فريضو آهي تہ ماڻهن کي چڱائي ڇوَن ۽ برائين کان جهلين. هن ملڪ جو هر امير غريب، هر مرد عورت، دين اسلام جي تبليغ جي لاءِ محنت ڪري تہ جيئن هر گهر جي اندر منٽي محمد مصطفيٰ صلى الله عليه وسلم جي شريعت قائم ٿئي.

## دين جي ضرورت

منهنجا پيارا دوستو! بيماريءَ جو اصلي علاج بہ اهو اَٿوَ تہ هر گهر جي اندر قرآن ۽حديث جي پوري پوري تعليم هجي. هر مسلمان مرد توڙي عورت اسلام جي تعليم کان واقف هجي. دين بلڪل صاف آهي، نبي پاڪ صلى الله عليه وسلم جي شريعت پاڪ بلڪل چٽي ۽

صاف آهي. وڏي ڏک جي ڳالھ اها آهي تہ اسانجي هن دور جي اندر ديني تعليم جي وڏي کمي آهي، توهان ڏسندا هوندا تہ اڪثر ماڻهن کي دين سان محبت ئي ڪانهي. ملڪ جا اڪثر ماڻهو واپار ۾ مصروف آهن. ملازمت ۾ مصروف آهن. زمينداري ۽ ڪاروبار ۾ مصروف آهن. ائين پيو لڳي تہ اسانجي هن دور جي اندر ديني معاملو ضرورت کان وڌيڪ ٿي پيو آهي. اڪثر ماڻهن جو اهو خيال آهي تہ ڪين دين جي ڪا ضرورت ئي ڪانهي.

## آخرت جوآرام

منهنجا پيارا دوستو! مان توهان ماڻهن جي خيرخواهي، ڀلائي ۽ همدرديءَ واسطي آيو آهيان. مان تہ اهو ٿو چاهيان تہ توهان رب جي وڏي عدالت وٽ سُرخرو ۽ ڪامياب ٿيو. دنيا جي ٿوري زندگيءَ لاءِ ٿوري محنت ڪيو ۽ آخرت جي وڏي زندگيءَ لاءِ وڏي محنت ڪيو.

هي زندگي چئن ڏينهن جي زندگي آهي.
هي زندگي عارضي زندگي آهي.
هي زندگي مختصر زندگي آهي.
هي زندگي عطا ڪيل زندگي آهي.
هي زندگي ٤٠ _ ٥٠ سالن جي زندگي آهي.
هي زندگي ٦٠ _ ٧٠ سالن جي زندگي آهي.

قيامت جو هڪ ڏينهن پنجاھ هزار سالن جو ٿيندو. موت، ميدانِ قيامت جي ڏينهن مري ويندو. ان ڏينهن ڪانپوءِ نہ جنتيءَ لاءِ موت هوندو نہ جهنميءَ لاءِ موت هوندو.

نبي پاڪ ﷺ جن فرمايو: {لَاعَيْشَ إِلَّا عَيْشُ الآخِرَةُ} (صحيح البخاري ٤/٥٠) دنيا جو عيش، ڪو عيش ناهي. دنيا جو آرام، ڪو آرام ناهي. آرام آهي تہ آخرت ۾ آهي.

منهنجا دوستو! اڄ وقت اٿوَ، ڪمائي وٺو. ٽائيم اٿوَ، ٿاهي وٺو.

عقيدي جو خيال ڪيو
عملن جو خيال ڪيو
فرضن جو خيال ڪيو
واجبن جو خيال ڪيو

پاڪ پيغمبر ﷺ جي سنتن جو خيال ڪيو. اللہ جي دين جو جهنڊو ڪٽو. جيئندي مرندي اللہ جي نبي پاڪ صلي اللہ عليہ وسلم جي غلامي ۾ رهو.

باقي مان نہ ڪنهن جماعت تي فتوىٰ هڻڻ آيو آهيان نہ ڪنهن ٽولي جو دل ڏکائڻ آيو آهيان. مان توهان دوستن تائين اهو پيغام پهچائڻ آيو آهيان تہ پاڪ پيغمبر ﷺ جي دروازي تي اچو.

## تقرير جو مقصد

منهنجي جماعت تنظيم اهل سنت جي ڪوشش اها آهي تہ هَر گهر جي اندر پاڪ پيغمبر ﷺ جي سنت جو راڄ هجي. اها ئي منهنجي سڄي تقرير آهي، اهوئي منهنجو سڄو واعظ آهي. مان تہ هر روز پنهنجي مسلمانن ڀائرن کي اها ئي دعوت ڏيندو آهيان تہ پاڪ پيغمبر ﷺ جو پَلَئُ (دامن) مضبوط جهليو.

ملڪ ۾ انتشار جو وڏو سبب هي آهي جو ماڻهن رَحمة اللعالمين ﷺ جو در ڇڏي ڏنو آهي. جيڪڏهن هن سڄي ملڪ پاڪستان جا ماڻهو، بلڪہ سڄي دنيا جا ماڻهو حضور پُرنور ﷺ جي دروازي تي اچن، فيصلو سرڪارِ مدينہ ﷺ کان ڪرائن تہ جيڪر سڀ جهيڙا جهڳڙا ڏهن منٽن جي اندر ختم ٿي وڃن.

## ڪاميابي نبي سائين ﷺ جي سنتن ۾ آهي

دين چٽو آهي. نبي پاڪ ﷺ جي شريعتِ طيبہ بلڪل صاف آهي. باقي هونءَ تہ ملڪ جي اندر ڪيترائي فرقا آهن. ڪيتريون ئي جماعتون آهن. ڪيترائي گروهہ آهن. هر جماعت دعويدار آهي تہ اسان

ڪامياب ٿيندا سين. ليڪن منهنجي دعويٰ اها آهي تہ ڪامياب اهو انسان ٿيندو جنهن جي سيرت ۽ صورت پاڪ پيغمبر ﷺ جي سنت جي مطابق هوندي.

منهنجي تقرير ڪان پهريان توهان دوست اها ڳالهہ ياد رکو تہ منهنجو دين آهي نبي پاڪ ﷺ جي غلامي.

توهان دوست جيڪو بہ مسئلو مون ڪان پڇندؤ. منهنجو جواب اِهو ئي هوندو تہ رحمة اللعالمين ﷺ جي در تي اچو. مدني ڪريم ﷺ جن ڪان فيصلو ڪرايو. جناب رسالت مآب ﷺ جن جي هر فرمان تي ڪنڌ جهڪايو. تہ اهو شخص هن جهان ۾ بہ ڪامياب آهي تہ ميدان قيامت ۾ بہ سُرخرو ٿيندو.

مان هرروز ملڪ جي اندر اها ئي تقرير ڪندو آهيان تہ حضور ﷺ جي در تي اچو. جيئن ٻوڏ واري هنڌ اعلان ٿيندو آهي تہ، علائقي وارؤ! ٻوڏ پئي اچي پنهنجي جان ۽ مال بچايو. مان بہ هر ڏينهن ملڪ جي اندر اهو ئي اعلان پيو ڪيان تہ منهنجا پيارا دوستو! بي دينيءَ جي ٻوڏ پئي اچي

بي حيائيءَ جي ٻوڏ پئي اچي

بي غيرتيءَ جي ٻوڏ پئي اچي

جي بچڻ چاهيو ٿا تہ پاڪ پيغمبر ﷺ جي در تي اچو. نبي پاڪ ﷺ جن جي غلاميءَ ڪانسواءِ اسانجو ڇوٽڪارو ممڪن نہ آهي. اهوئي منهنجو سچو واعظ آهي. اهائي منهنجي اصل تقرير آهي.

## مسلمان جو هر ڪم سنت جي مطابق هجي

توهان تہ ٻڌندا هوندؤ تہ مولوي صاحبان (جيڪي تقرير ڪندا آهن) چوندا آهن تہ افسوس آهي جو تقرير جو وقت ٿورو هوندو آهي جنهن ڪري اسان جا ضروري مسئلا (بيان ڪرڻ ڪان) رهجي ويندا آهن. مان توهان دوستن کي پنهنجو بنيادي ۽ ضروري مسئلو پهريان ئي بيان ڪري ڇڏيو آهي تہ

مؤمن جو عقيدو ائين هجي، جيئن نبي پاڪ ﷺ جن فرمايو.
مؤمن جو عمل ائين هجي، جيئن نبي پاڪ ﷺ جن فرمايو.
مؤمن جي شادي ائين ٿئي، جيئن نبي پاڪ ﷺ جن فرمايو.
مؤمن جي غمي ائين هجي، جيئن نبي پاڪ ﷺ جن فرمايو.
مؤمن جي سيرت ائين هجي، جيئن نبي پاڪ ﷺ جن فرمايو.
مؤمن جي صورت ائين هجي، جيئن نبي پاڪ ﷺ جن فرمايو.
الله جي توحيد کي ائين مڃو، جيئن نبي پاڪ ﷺ جن فرمايو.
ختم نبوت کي ائين مڃو، جيئن نبي پاڪ ﷺ جن فرمايو.
خلافت کي ائين مڃو، جيئن نبي پاڪ ﷺ جن فرمايو.
شهادت کي ائين مڃو، جيئن نبي پاڪ ﷺ جن فرمايو.
ولايت کي ائين مڃو، جيئن نبي پاڪ ﷺ جن فرمايو.
نمازون ائين پڙهو، جيئن نبي پاڪ ﷺ جن فرمايو.
آذان ائين ڏيو، جيئن نبي پاڪ ﷺ جن فرمايو.
وضو ائين ڪيو، جيئن نبي پاڪ ﷺ جن فرمايو.

جنهن شخص جي زندگي، پاڪ پيغمبر ﷺ جي سنت جي تابع هوندي تہ اهو شخص ڪامياب آهي، پر جيڪڏهن نبي پاڪ ﷺ جن جو پَلئُ (دامن) ڇڏي ويو تہ اهو شخص ناڪام ۽ برباد آهي.

توهان دوست! بازار مان ڪپڙو خريد ڪرڻ ويندا آهيو، اتي تحقيق ڪندا آهيو تہ هي ڪهڙي مِل جو ڪپڙو آهي ڪهڙي مِل جي مُهر لڳل آهي. اڄ ڪانپوءِ ديني مسئلن تي بہ توهان پاڪ پيغمبر ﷺ جي مُهر ڏسندا ڪيو. جي نبي پاڪ ﷺ جي مُهر آهي تہ مسئلو سچو آهي، جي پاڪ پيغمبر ﷺ جي مُهر ناهي تہ اهو مسئلو ڪوڙو آهي.

## نبي ﷺ صحابہ کي ڪهڙو دين سيکاريو

جيڪو دين پاڪ پيغمبر ﷺ پنهنجي جماعت (صحابہ) کي پڙهائي ويا، ٽيويهہ (٢٣) سال سيکاري ويا، جيڪا نيڪي صديق رضي الله عنه،

فاروقؓ، غنيؓ، عليؓ، مهاجرينؓ، انصارؓ ۽ حسنؓ حسينؓ ڪئي هئي، الله ڪري اسان جي گهر ۾ اُها نيڪي هجي (آمين). مان نئين دين، نئين مذهب ۽ نئين مسئلي جو قائل نہ آهيان. مان چاهيان ٿو تہ اسان جي گهر دين اهو هجي جيڪو پاڪ پيغمبر ﷺ جي جماعت جي گهر هيو.

نبي پاڪ ﷺ جنهن جماعت کي سيکاريو ۽ پڙهايو، تعليم ۽ تربيت ڏني، اُهي سڌي رستي تي آهن. اسان اُنهيءَ ئي رستي تي هلون ٿا.

نبي پاڪ ﷺ جن فرمايو: منهنجي امت ٽيهتر (۷۳) ٽولا ٿي ويندي، سڀ ٽولا جهنم ۾ ويندا، (صرف) هڪ ٽولو بهشت ۾ داخل ٿيندو، فرمايائون اُهو آهي ﴿مَا أَنَا عَلَيْهِ وَأَصْحَابِي﴾ (سنن الترمذي ۲٦/۵ مترجم: ج۲ ص۱۳۷) (**ڏسو عڪس صفحي ۷۳ تي**) جنهن رستي تي مان محمد ﷺ پيو هلان، ۽ منهنجي جماعت صحابہ پئي هلي، اهو رستو بهشت جو رستو آهي. بس اهو ئي منهنجو سچو واعظ آهي. اها ئي منهنجي سچي تقرير آهي.

توهان دوست بہ روزا ائين رکو جيئن حضور ﷺ جن رکيا آهن. نماز ائين پڙهو جيئن حضور ﷺ جن پڙهي آهي. نبي پاڪ ﷺ رمضان المبارڪ جي مهيني ۾ خاص عبادت ڪندا هيا. جڏهن رمضان جو آخري ڏهاڪو ايندو هو تہ حضور ﷺ جن عبادت جو خاص اهتمام ڪندا هيا. سڄي رات عبادت ۾ گذاريندا هيا. قرآن پاڪ جي تلاوت ڪندا هيا ۽ ڏينهن جو روزا رکندا هيا. پنهنجي گهر ڀاتين کي بہ اٿاريندا هيا. ۽ اعتڪاف ۾ ويهڻ جو بہ اهتمام ڪندا هيا تہ جيئن رات ڏينهن فڪر ۽ ذڪر ۾ گذري. هونءَ بہ حضور ﷺ جن جي زندگيءَ جو ڪو بہ لمحو الله جي ذڪر کان خالي نہ هوندو هو پر رمضان المبارڪ ۾ خاص اهتمام ڪندا هيا. گهر ڀاتين کي رات جو جاڳائيندا هيا تہ هي آرام جو وقت ناهي بلڪ عبادت جو وقت آهي. خاص طور تي رمضان جي آخري ڏهاڪي ۾. ڇوتہ ان ڏهاڪي ۾ الله جون خاص برڪتون نازل ٿينديو

آهن... ۽ ليلة القدر ٻہ، انهيءَ آخري ڏهاڪي ۾ ٿيندي آهي، ۽ آخري ڏهاڪي ۾ ٻہ ستاويهہ (٢٧) جي رات ٿيندي آهي. تہ حضور ﷺ جن جو گهراڻو، حضور ﷺ جن جا ٻار ٻچا، ان ڏهاڪي ۾ عبادت جو خاص اهتمام ڪندا هيا. ايسيتائين جو ازواج مطهراتؓ بہ اعتڪاف جو انتظام ڪنديون هيون. الله تعالىٰ تمام مسلمانن کي توفيق عطا فرمائي. تہ اسان جي گهرن ۾ بہ دين اهو هجي جيڪو پاڪ پيغمبر ﷺ جي گهران آيو آهي.

## اهل سنت جو عقيدو

دوستو! مان توهان دوستن کي اهو عرض ڪندس تہ پاڪ پيغمبر ﷺ جي سنت جو پرچم ڪڏهن نہ ڇڏجو. جيئندي مَرندي نبي پاڪ ﷺ جن جي غلاميءَ ۾ رهو. تہ جيئن الله پاڪ توهان جي مٿان خاص رحمتون نازل فرمائي.

توهان کي دين اهو عطا ڪيائين جيڪو سڄي ڪائنات جي دينن جو سردار،

ڪتاب اهو عطا ڪيائين جيڪو سڄي ڪائنات ۾ (قرآن مجيد) سڀني ڪتابن جو سردار،

نبي اهو عطا ڪيائين جيڪو سڄي ڪائنات ۾ نبين جو سردار،

مدني ڪريم ﷺ چوڏهن طبقن جا سردار،

ٻنهي جهانن جا سردار

نبين ۽ رسولن جا سردار

نور ۽ بشر جا سردار

اوّلين ۽ آخرين جا سردار

ڪائنات جي ڪارخاني ۾ پاڪ پيغمبر ﷺ جهڙي هستي، نہ اڄ تائين پيدا ٿي آهي نہ قيامت تائين پيدا ٿيندي. ٻيا نبي صرف پنهنجي امت جا نبي، پر سهڻو نبي محمد مصطفىٰ ﷺ نبين جو بہ نبي.

ماڻهو ٿا چون تہ، حضرت علي رضاسان جو پير آهي. مان ٿو چوان تہ اسانجي پيرن جو بہ پير آهي. ماڻهو ٿا چون تہ، حضرت حسن رض حسين رض بهشتي آهن. مان ٿو چوان تہ بهشتي نوجوانن جا بہ سردار آهن.

ماڻهو ٿا چون تہ خاندان نبوت جي گهراڻي جا پنج تن پاڪ آهن. مان ٿو چوان تہ اهل بيت جي گهراڻي جا سڀئي تن پاڪ آهن. جيڪي نبي ﷺ جي چادر هيٺان آيا اهي بہ پاڪ. ۽ جن چادر واري محمد ﷺ سان تعلق ڳنڍيو اهي بہ پاڪ.

جيڪو حضرت علي رض، نبي ﷺ جي بستري تي ستو، اهو بہ پاڪ آهي. جيڪو حضرت ابوبڪر صديق رض، بستري جي مالڪ محمد مصطفيٰ ﷺ سان گڏ ستو اهو بہ پاڪ آهي. (صرف غار ۾ نہ پر قيامت تائين روضيء اقدس ۾ گڏ ستل آهي)

جيڪو حضرت علي رض، هڪ رات نبي ﷺ جي بستري تي ستو، اهو بہ پاڪ آهي. ۽ جيڪا سيده عائشہ صديقہ رض، روزانو نبي ﷺ جي بستري تي سمهندي هئي اُها بہ پاڪ آهي.

## سڀ تن پاڪ

مسلمانو! توهان اڪثر ساده طبيعت ماڻهو آهيو. توهان کي ماڻهو چوندا آهن تہ جيڪي چادر هيٺان آيا، صرف اهي ئي پاڪ آهن. ماڻهن کي پاڪ ڪرڻ جي لاءِ چادر ڪا نہ آئي هئي، بلڪ چادر وارو محمد مصطفيٰ ﷺ آيو هيو. الله پاڪ قرآن مجيد ۾ فرمايو آهي تہ :

{ وَيُزَكِّيهِمْ وَيُعَلِّمُهُمُ الْكِتٰبَ وَالْحِكْمَةَ } (سوره آل عمران آيت ١٦٤)

مفهوم: منهنجو نبي پهريان پاڪ ڪندو آهي پوءِ قرآن ۽ حديث جي تعليم ڏيندو آهي.

افسوس جي ڳالھ اها آهي جو ماڻهو توهان جي سامهون چادر وارن جو شان تہ بيان ڪن ٿا تہ جيڪي چادر هيٺان آيا اُهي پاڪ ٿي ويا.

ليڪن جيڪي ٽيويهہ سال چادر واري مصطفيٰ ﷺ جي غلاميءَ ۾ رهيا انهن جو ڪمال بيان نہ ٿا ڪن.

جيڪو حُر پنج منٽ حسينؓ سان گڏ رهيو اهو تہ ڪامياب!!، پر جيڪو صديقؓ سڄي زندگي حسينؓ جي ناني سان گڏ رهيو اهو (نعوذ بالله) ڪيئن برباد ٿيندو!!!؟ مان تہ حيران آهيان تہ ماڻهن ڪي ڇا ٿي ويو آهي. (جو هر شيءِ جي تاثير مڃيندا آهيو، ٻن روپين جي چانهہ واري پتي پاڻي ۾ ملايو تہ ان جو رنگ ذائقو بدلائي ڇڏيندي آهي ڇا محمد مصطفيٰ ﷺ صديق سان ملي بہ ان کي نہ بدلائي سگهيو! جڏهن تہ پيغمبر ﷺ جي تاثير سڀني کان مٿي آهي)

## اهل سنت جي هر مسئلي تي نبي ﷺ جي مهر موجود آهي

باقي دوستو! توهان دوستن بہ مسئلن جي تحقيق ڪئي هوندي. توهان ملتان شهر ۾ ويهي تحقيق ڪئي هوندي. مان ملتان ۾ بہ تحقيق ڪئي آهي. پاڪستان ۾ بہ تحقيق ڪئي آهي. هندستان ۾ بہ تحقيق ڪئي آهي تہ عربستان ۾ بہ تحقيق ڪئي آهي. ايران جا ڪتاب بہ پڙهيا آهن تہ عربستان جا ڪتاب بہ پڙهيا آهن. مان تہ ان ڪري سُني آهيان جوسُني مذهب جي هر مسئلي تي پاڪ پيغمبر ﷺ جي مُهر موجود آهي. جيڪي ماڻهو اسانجي مقابلي ۾ آهن انهن جي مسئلن تي نبي ﷺ جي مُهر موجود ناهي. توهان (پلي) تحقيق ڪري ڏسو.

جيڪڏهن گهڻا مسئلا توهان نہ ٿا سمجهي سگهو تہ مسجد ۾ جيڪو وضوء ٿئي ٿو، جيڪا آذان ٿئي ٿي، جيڪا نماز پڙهجي ٿي. ان جي تحقيق تہ ڪيو تہ ڀلا ڪهڙي آذان پاڪ پيغمبر ﷺ جي زماني ۾ ايندي هئي تہ مسئلو آسانيءَ سان سمجهہ ۾ اچي ويندوَ. پر افسوس جو توهان وٽ وقت ئي ڪونهي ۽ توهان اڪثر دوستن جو دين ڏانهن ڌيان بہ ناهي. منهنجو خيال اهو آهي تہ ملڪ جي اندر جيڪو انتشار آهي اهو بہ توهان جي مهربانيءَ جي ڪري آهي. مولوي ملڪ ۾ انتشار نہ ٿا

ڦيلائي سگهن. جيڪڏهن توهان ماڻهن جي نيت صاف ٿي وڃي ته ملڪ مان انتشار ئي ختم ٿي سگهي ٿو.

هاڻي ڏسو! ڪيئي هزارين ٻنير جهنگ ۾ گهمندا رهن ٿا اُهي پاڻ ۾ نٿا وڙهن، پر جنهن ٻنير جي ياري توهان سان ٿي وڃي ته اهو ويڙهاڪو ٿي ويندو آهي. ته ٻنير توهان ٿا ويڙهايو. ڪڪڙ توهان ٿا ويڙهايو. رڇ ڪتا توهان ٿا ويڙهايو. اُٺ توهان ٿا ويڙهايو. منهنجو خيال هي آهي ته سڀ جهيڙا توهان ٿا ڪرايو. جيڪڏهن توهان جي نيت صاف ٿي وڃي ته مذهبي جهيڙو به پنجن منٽن ۾ختم ٿي سگهي ٿو.

## اهل سنت جي آذان رسول الله صلى الله عليه وسلم واري

توهان چور کي پڪڙيو. جيڪو مولوي پنهنجي آذان اسان کان ميرائي ته (ان تي اهو لازم آهي ته) ان آذان تي پاڪ محمد ﷺ جو فيصلو ڏيکاري. پوءِ جنهن به ڪتاب مان ڏيکاري. شيعن جي ڪتابن مان ڏيکاري. سنين جي ڪتابن مان ڏيکاري. ديوبندين جي ڪتابن مان ڏيکاري. بريلوين جي ڪتابن مان ڏيکاري.

نبي پاڪ ﷺ حضرت بلال رضي الله عنه کي ڪهڙي آذان سيکاري هئي.

نبي پاڪ ﷺ ڪهڙي آذان جي تعليم ڏني هئي يا انهن جي موجودگيءَ ۾ ڪهڙي آذان چئي ويندي هئي.

چڱو جيڪڏهن نبي ﷺ جو فرمان نٿا ڏيکاري سگهو ته حضرت علي رضي الله عنه جو فرمان ڏيکاريو (ته انهن جي پنهنجي دؤر خلافت ۾ ڪهڙي آذان ڏياري، شيعن واري يا اهل سنت والجماعت واري)

سيدنا امام حسن رضي الله عنه امام حسين رضي الله عنه جو فرمان ڏيکاريو.

امام زين العابدين رحمه الله، محمد باقر رحمه الله، جعفر صادق رحمه الله، موسىٰ ڪاظم رحمه الله جو فرمان ڏيکاريو. فقه جعفريه جو نعرو هڻڻ ته سولو آهي، پر جيڪڏهن شيعه پنهنجن ڪتابن مان اهو ڏيکارين ته حضرت جعفر صادق رحمه الله «على ولى الله و خليفته بلا فصل» واري آذان پنهنجي زماني ۾

ڪنهن ڪي سيڪاري هجي (يا پنهنجي مسجد ۾ هڪ دفعو ٺي چورائي هجي) تہ منهنجي سزا گولي آهي. هن حڪومت پاڪستان تان منهنجو خون معاف آهي.

(نعره تڪبير .... اللّٰہ اڪبر)

(نعره رسالت .... محمد رسول اللّٰہ)

(علامہ محمد عبدالستار تونسوي .... زنده باد)

بس توهان مونکي زنده باد نہ چئو. جيسيتائين زنده رهڻو هوندو رهندس، ٺائيم پورو ٿي ويو تہ هليو ويندس. اللّٰہ جي واسطي مسئلو سمجهو. اهي ڪي بيوقوف ماڻهو هوندا آهن جيڪي زنده باد جي نعرن سان خوش ٿيندا آهن. مان بيوقوف تہ ناهيان؟ زندگيءَ جو هڪ وقت مقرر آهي. قرآن مقدس ۾ اللّٰہ پاڪ جو فرمان آهي تہ :

{ فَإِذَا جَاءَ أَجَلُهُمْ لَا يَسْتَأْخِرُونَ سَاعَةً وَلَا يَسْتَقْدِمُونَ } (سوره الاعراف آيت ٣٤)

(مفهوم) موت جو ٺائيم مقرر آهي اهو هڪڙو پل بہ اڳتي پوئتي نہ ٿيندو.

هن وقت توهان ڳالهہ سمجهڻ جي ڪوشش ڪيو. توهان عالمن جون تقريرون تہ ٻڌيون هونديون. بزرگانِ دين جا ملفوظات بہ ٻڌا هوندا. مان اهل سنت والجماعت جو ادنيٰ درجي جو هڪ معمولي خادم آهيان. مسلمانن منجهان معمولي درجي جو مسلمان آهيان. توهان تائين نبي ﷺ جي سنت جو پيغام ڪٽي آيو آهيان.

ماڻهو توهان ڪي ورغلائن ٿا. توهان جي سامهون مِٺا مِٺا ٻول ٻولين ٿا. هاڻي ڏسو! فقہ جعفريہ وارو نعرو ڪيڏو نہ پيارو نعرو آهي تہ اسان امام جعفر صادقؒ جا پيروڪار آهيون. (صرف اها هڪ دعويٰ اٿن ۽ حقيقت ان جي برعڪس آهي چو تہ ڪلمي ڪان وٺي آذان تائين اُهي امام جعفر صادق جا مخالف آهن)

## حضرت صديق رضي الله عنه ۽ حضرت صادق رحمة الله عليه جو پاڻ ۾ رشتو

امام جعفر صادقؒ، صديقؓ جو ڏوهٽو آهي.

امام جعفر صادقؒ جو نانو، حضرت ابوبڪر صديقؓ جو پوٽو آهي.
امام جعفر صادقؒ جي ناني، حضرت ابوبڪر صديقؓ جي پوٽي آهي.
۽ امام جعفر صادقؒ جو ڏاڏو، حضرت عليؓ المرتضيٰ جو پوٽو آهي.
امام جعفر صادقؒ، حضرت عليؓ جو صرف هڪ دفعو پوٽو آهي تہ حضرت ابوبڪر صديقؓ جو ٻہ دفعا ڏوهٽو آهي. جيڪي ماڻهو حضرت ابوبڪر صديقؓ تي تبرّو ڪن ٿا، اهي حضرت جعفر صادقؒ کي ڪيئن وڻندا؟

امام جعفر صادقؒ مدينہ منوره ۾ پيدا ٿيو آهي ۽ پنهنجي سڄي زندگي مبارڪ مديني منوره ۾ ئي گذاري آهي.
مدينہ منوره ۾ وفات ڪئي آهي ۽ سندس قبرمبارڪ بہ مدينہ ۾ جنت البقيع ۾ آهي.
جيڪا فقہ حضرت جعفر صادقؒ مدينہ منوره ۾ هلائي آهي، شيعہ سني، ٻئي ملي ڪري اُها فقہ پاڪستان ۾ هلائن.
پر شيعہ اها ڳالهہ مڃڻ لاءِ تيار نہ ٿيندا.
ڇو جو جيڪڏهن شيعہ، حضرت جعفر صادقؒ واري مديني واري (فقہ) نہ ٿا هلائن. تہ آذان تہ اها ڏيارين جيڪا شيعن جي ڪتابن ۾ حضرت جعفر صادقؒ سيکاري آهي. (ڏسو شيعہ آذان: شيعہ ڪتاب: من لا يحضره الفقيه جو عڪس صفحي ٤٧ تي) ملتان جي شيعن کان پڇي ڏسو تہ اهي امام صاحب واري آذان ڏيندا؟ شيعہ مري ويندا پر جعفر صادقؒ واري آذان نہ ڏيندا. (اتان محبت ۽ اطاعت جو اندازو پاڻ لڳايو تہ ڪيترا سچا آهن؟)

باقي جيڪڏهن حضرت جعفر صادقؒ «علی ولی الله وصی رسول الله و خليفته بلا فصل» واري آذان ڏياري هجي يا پنهنجي ڪنهن شاگرد کي سيکاري هجي. شيعہ دنيا جي ڪنهن بہ ڪتاب مان اهو حوالو ڏيکارين تہ منهنجي سزا ڦاسي آهي. حڪومت پاڪستان تي منهنجو خون معاف آهي.

(نعره تڪبير .... الله اڪبر)

(تاج و تخت و ختم نبوت .... زنده باد)

(شان صحابہؓ.... زنده باد)

(شان امام جعفر صادقؒ.... زنده باد)

حضرت جعفر صادقؒ اسانجو پير آهي.

حضرت جعفر صادقؒسان محبت، اسانجو دين آهي.

حضرت جعفر صادقؒسان محبت، اسانجو ايمان آهي.

شيعن جي ڪتاب ڪشف الغمہ ۾ لکيل آهي تہ امام جعفر صادقؒ فرمايو:

«وَلَدَنِيْ أَبُوْبَكْرٍ مَرَّتَيْنِ» ابوبڪرؓ مونکي بہ دفعا ڄڻيو آهي.

**ڏسو شيعہ ڪتاب ڪشف الغمہ جو عڪس صفحي ٤٧ تي .**

يعني منهنجو نانو قاسمؒ بہ ابوبڪر صديقؓ جو پوٽو آهي. منهنجي ناني اسماء بہ ابوبڪر صديقؓ جي پوٽي آهي. (ڪشف الغمة ج٢ ص٣٧٤)

امام جعفر صادقؒ، حضرت عليؓ جو هڪ دفعو پوٽو آهي تہ حضرت ابوبڪر صديقؓ جوبہ دفعا ڏوهٽو آهي، اها ڳالھ شيعن جي ڪتاب ۾ لکيل آهي. باقي مان جنهن ڪتاب جو حوالو پيش ڪندس، دنيا جو ڪو بہ عالم ان حوالي کي رد ڪري نہ سگهندو. اها ڳالھ منهنجي ياد رکجو.

ممڪن آهي (تہ سڀاڻي) توهان کي ڪي ماڻهو چون تہ تونسوي ائين ئي ڳالهيون ڪري ويو آهي، اسانجو بہ مولوي ايندو (اهو بہ تقرير ڪندو)...

مولوي توهان جو ايندو تبرو ڪندو، مونکي گاريون ڏيندو، مون تي فتوىٰ هڻندو. پر اڄ ڏينهن تائين ڪنهن بہ شيعن جي مولوي منهنجي هن ڳالھ کي نہ غلط ثابت ڪيو آهي نہ ئي قيامت تائين غلط ثابت ڪري سگهندو. (ان شاءَ الله)

جيڪڏهن شيعه مولوي منهنجي سامهون حوالا نڪتا ڏيڪاري سگهن ته صبح سوير پنهنجن ڪتابن مان ماڻهن کي «علی ولی الله خليفته بلا فصل» واري آذان ڏيڪارين. پنهنجي امام بارگاهه ۾ ويهي، پنهنجن ماڻهن کي ڏيڪارين. جيڪڏهن ڪو شيعو اهو حوالو ڏيڪاري ته توهان منهنجو مذهب ڇڏي شيعه ٿي ويجو. پر منهنجي اها دعويٰ آهي ته آسمان ۽ زمين ته ٽڪڙا ٽڪڙا ٿي سگهن ٿا پر اڄ ڏينهن تائين نه ڪنهن شيعه مولوي اهڙو حوالو ڏيڪاريو آهي نه قيامت تائين ڏيڪاري سگهندو.

## حضرت جعفر صادق رحمۃ اللہ علیہ رمضان ۾ 20 رڪعتون تراويح پڙهيون

شيعه مونکي چوندا آهن ته، تونسوي! هي تنهنجيون ويهه (۲۰) رڪعتون رمضان واريون (يعني تراويح) ڪٿان ثابت آهن؟ ٻڌو! اهي (ويهه رڪعتون تراويح) شيعن جي ڪتابن مان به ثابت آهن ته سنين جي ڪتابن مان به ثابت آهن.

هي ڏسو! شيعن جي ڪتاب ۾ لکيل آهي ته حضرت امام جعفر صادقؒ رمضان جي مهيني ۾ نماز گهڻي پڙهندا هيا. (شيعن جي اصول اربعه منجهان ڪتاب **الاستبصار** صفحو۲۶۲).

**(ڏسو شيعه ڪتاب جو عڪس صفحي ۷۵ تي)**

ته حضرت امام جعفر صادقؒ جي عادت هئي ته جڏهن رمضان جو مهينو شروع ٿيندو هو ته {**ويزيد على صلاته**} ته امام جعفر صادقؒ پنهنجي نماز کي وڌائي ڇڏيندا هيا. {**منذ اول ليلة من الشهر رمضان**} رمضان جي پهرين رات کان شروع ڪندا هيا. {**إلى تمام عشرين ليلة**} ويهه راتين تائين پڙهندا هيا. {**فى كل ليلة عشرين ركعة**} هر رات جو روزانو ويهه رڪعتون وڌيڪ پڙهندا هيا. امام صاحب هر رات جو روزانو ويهه رڪعتون وڌيڪ ادا ڪيون آهن.

{**قال: الرضا (ع)**} حضرت امام رضا فرمائين ٿا ته {**كان أبي يزيد فى العشر الاواخر فى شهر رمضان**} ته منهنجو پيءُ حضرت امام موسىٰ ڪاظم رمضان جي آخري ڏهاڪي ۾ پنهنجي نماز کي وڌائي ڇڏيندا هيا. {**فى كل**

ليلة عشرين ركعة} هر رات جو روزانو ويهہ ركعتون وڏيک پڙهندا هيا.
(شيعہ كتاب جو حوالو: الاستبصار صفحو ۲۶۵)
كتاب شيعن جو.... فيصلو امام پاڪ جو.

## اسانجي تراويح نماز حضرت علي رضي الله عنه واري

اهل سنت جي ڪتابن مان سنن ڪبرىٰ ۾ لکيل آهي تہ حضرت علي المرتضىٰ شير خدا، پنهنجي (خلافت واري) زماني ۾ قرآن جي حافظن کي گهرايو ۽ حڪم ڪيائون تہ ماڻهن کي ويهہ رڪعتون نماز پڙهايو. (سنن ڪبريٰ بيهقي جلد ۲ صفحو۴۹۶)

اسانجي تراويح نماز، اهل سنت جي ڪتابن مان بہ ثابت آهي تہ اهل تشيع جي ڪتابن مان بہ ثابت آهي.

پر شيعن پنهنجن تابوتن ۽ تعزين (۽ گهوڙن جي جلوسن) جو ثبوت اڄ ڏينهن تائين، نہ ڪنهن امام جي فرمان منجهان ڏنو آهي نہ قيامت تائين ڏئي سگهندا.شيعا ٻڌائن تہ آهي تعزيا ۽ تابوت ڪهڙي امام ٺاهيا هُيا؟ ڪهڙي ڪتاب ۾ لکيل آهي؟

بلڪل آسان مسئلو آهي. دين آسان آهي. توهان ملتان وارا هزارين رپيا تعزين ۽ تابوتن تي خرچ ڪندا آهيو. (پر حقيقت اها آهي جو) تعزيا ٺاهڻ ڪنهن بہ مذهب ۾ نہ فرض آهن نہ واجب. نہ ڪنهن امام جي سنت آهي. نہ ڪنهن امام ٺاهيا آهن ۽ نہ وري انهن کي ٺاهڻ جو حڪم ڏنو اٿن.

جيڪڏهن دين سان محبت اٿوَ تہ دين اهو قبول ڪيو جيڪو نبي ﷺ ۽ عليؓ ۽ حسينؓ جي گهر هُيو. جيڪو دين مهاجرين ۽ انصارن جي گهر هيو.

مان پاڪن جو غلام آهيان. مان چاهيان ٿو تہ ملڪ جو ڪو بہ ماڻهو دين جو مسئلو پاڻ نہ ٺاهي. پاڪن جي دروازي تي اچو. جيڪو دين پاڪن جي گهر هيو، هر ڪلمي پڙهڻ واري جي گهر دين اهو هجڻ گهرجي.

سهڻو نبي ﷺ دين پورو سيڪاري ويا هيا يا اڌورو؟ (پورو)
سهڻو حسينؓ قرآن جو حافظ هيو.

سهڻو حسنؓ قرآن جو حافظ هيو.
سهڻي حسينؓ جو بابو شاهه عليؓ قرآن جوحافظ هيو.
حضرت صديقؓ، فاروقؓ، غنيؓ قرآن جا حافظ هيا.
سهڻي حسينؓ جا نانا، نبي پاڪ ﷺ جن قرآن جا حافظ هيا.
امامن جي رستي تي هلو.
توهان جي هن شهر ملتان ۾ سؤ ۱۰۰ شيعه قرآن جا حافظ هوندا؟... (نه)
(پلا) ڏهه... (نه)

ڪتابن ۾ ته وڏا مسئلا لکيل آهن شايد توهان کي سمجهه ۾ نه اچن. پر الله جا ٻانهؤ! هي ڳالهه ته توهان کي سمجهه ۾ ايندي هوندي ته حضرت حسينؓ ته قرآن جو حافظ هو، پوءِ هي ملنگ سڀ ملي ڪري قرآن ڇو نه ٿا ياد ڪن؟ انهن جو ته ڪاڏو پيتو به مفت ۾ آهي. بس ڇاٽي يا علي... ڇا جي نماز... ڇا جو روزو...

## دين اسلام جي اصل عبادت

دوستو! توهان کي اها خبر آهي ته حضرت حسينؓ جي شهادت ڪهڙي زماني ۾ ٿي هئي؟
حضرت حسنؓ جي زماني ۾؟... (نه)
حضرت معاويہؓ جي زماني ۾؟... (نه)

اقتدار هو يزيد جو حضرت حسينؓ جي شهادت ٿي هئي. مان توهان ملتان وارن کان پڇان ٿو.

جيڪڏهن حضرت حسينؓ شهيد نه ٿين هان. اُهي غدار ڪوفي شيعه منهنجي پير حسينؓ کي نه شهيد نه ڪن ها... بَلوائي اهو فتنو نه ڪن ها... حضرت حسينؓ کي ڪوفي شيعه خط نه لکن ها.... منهنجي پير حسينؓ تي ظلم نه ڪن ها... ته پوءِ هي شيعه ڪهڙي نيڪي ڪهڙي عبادت ڪن ها؟ هي ته هڪ واقعو هو جيڪو ٿي پيو جيڪڏهن هي واقعو پيش نه ٿئي هان،

ته (اڄ) اهي تابوت به نه نڪرن ها.

پڻڪو بہ نہ هجي ها.
غم حسينؓ واري نيڪي بہ نہ هجي ها.
تہ اِهي شيعہ خبر ناهي ڪهڙي نيڪي ڪهڙي عبادت ڪن ها؟
دُلدُل بہ نہ هجي ها... يا هجي ها؟
مان تہ سوچيندو آهيان تہ خبر ناهي تہ اهي شيعہ پوءِ ڇا ڪن ها.
اهو تہ هڪ واقعو هيو جيڪو پيش ٿي پيو.
منهنجو اهو عقيدو آهي تہ حضر حسينؓ شهيد آهن، حضرت حسينؓ جنتي آهن ۽ جنتي نوجوانن جا سردار آهن.
دين پهريان پورو ٿي چڪو آهي، الله جي مقدس قرآن ۾ آيو آهي. حجة الوداع جي موقعو تي، عرفات جي ميدان تي. الله وٽان اعلان آيو
{اَلْيَوْمَ اَكْمَلْتُ لَكُمْ دِيْنَكُمْ وَ اَتْمَمْتُ عَلَيْكُمْ نِعْمَتِيْ} (سوره مائده آيت ٣)
اڄ اوهان جو دين اوهان لاءِ ڪامل ڪيم ۽ اوهان تي پنهنجي نعمت پوري ڪيم.
اسانجو دين جيڪو محمد مصطفىٰ ﷺ جن جي زماني ۾ ئي پورو ٿيو اهو ڪهڙو دين هو؟ ڪهڙي نيڪي هئي؟ ڪهڙي عبادت هئي؟
مسلمانو! توهان ڪي اها ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ ٿي اچي تہ،
نبيﷺ ۽ عليؓ ڪهڙي نيڪي ۽ ڪهڙي عبادت ڪندا هيا؟
حضرت حسنؓ ۽ حضرت حسينؓ جي گهر ڪهڙو دين هو؟
سيدة النساء بي بي فاطمة الزهرىٰؓ خاتونِ جنت، ڪهڙي عبادت ڪندي هئي؟
هي تہ هڪ واقعو هيو جيڪو بعد ۾ پيش ٿي پيو. جنهن ڪانپوءِ هي نوان نوان مسئلا توهان پاڻ ٺاهيا آهن. (جن جو دين اسلام سان ڪوئي تعلق نہ آهي)

## تعزين ۽ تابوتن جي حقيقت

مان توهانکان پڇان ٿو تہ جناب امام الانبياء محمد مصطفیٰ ﷺ ٽيويهن (٢٣)سالن تائين ڪهڙي عبادت جي تبليغ ڪئي هئي؟
حضرت عليؓ ڪهڙي نيڪي ( ۽ عبادت) ڪندا هيا؟
حضرت امام حسنؓ امام حسينؓ جي گهر ڪهڙي عبادت هئي؟
حضرت امام زين العابدينؒ ڪهڙيون عبادتون ڪيون؟
منهنجو عرض آهي تہ الله جي واسطي ڌيان ڪيو تہ ڳالھ سمجھ ۾ اچي ويندي.

جناب امام الانبياء محمد مصطفیٰ ﷺ جي اچڻ کان پهريان ڪيئي سَوين نبي شهيد ٿي ويا. حضرت زڪريا عليهما السلام کي ڪارائي سان چيريو ويو. حضرت يحيٰ عليهما السلام جي ڳلي تي ڇُري هلائي وئي. ليڪن حضرت نبي ﷺ ۽ حضرت عليؓ نبين ۽ شهيدن جا تعزيا ۽ تابوت ڪونہ ٺاهيا. گهٽين ۾ ماتمي جلوس ڪونہ ڪڍيا.

منهنجي پاڪ پيغمبر ﷺ جو چاچو سيد الشهداء اسدالله حضرت حمزهؓ ميدان جنگ ۾ اسلام جي خاطر وڙهندي شهيد ٿي ويو، حضرت حمزهؓ جا هٿ پير وڍيا ويا. سينو وڍيو ويو. دل ڪڍي وئي. جيڱرو ڪڍيو ويو. بڪيون ڪڍيون ويون. ليڪن حضرت نبي ﷺ ۽ حضرت عليؓ، حضرت حمزه سيد الشهداءؓ جو تعزيو تابوت ڪونہ ڪڍيو. هر سال ماتم ڪونہ ڪرايو. (آخر ڇو؟)

منهنجي پير عليؓ جو ڀاء حضرت جعفر طيارؓ ميدان جنگ ۾ اسلام جي خاطر وڙهندي شهيد ٿي ويو. حضرت جعفر طيارؓ جون ٻانهون ڪٽيون ويون، حضرت نبي ﷺ ۽ حضرت عليؓ، حضرت جعفر طيارؓ جو تعزيو ۽ تابوت گهوڙو دلدل ماتمي جلوس ڇو نہ ڪڍيو؟ ان ڳالھ جو جواب دنيا جا (شيعہ) مجتهد ڏين. ڀلي ذاڪرن کي گهرايو، مجلسون پڙهڻ آسان آهن پر تونسوي جي سوالن جا جواب نہ اڄ تائين ڪنهن ڏنا آهن نہ قيامت تائين ڪير ڏئي سگهندو. ڀلي توهان آزمائي ڏسو.

مسئلو ياد رکوتہ حضرت نبيءَ ﷺ ۽ حضرت عليءَ رضه، حضرت حمزهؓ جو تعزيو تابوت ناهي ڪڍيو، حضرت جعفر طيارؓ جو تعزيو تابوت ناهي ڪڍيو.

منهنجو پيير عليؓ شهيد ٿيو، تہ حضرت حسنؓ ۽ حضرت حسينؓ، بابي عليءَؓ جو تعزيو تابوت ناهي ڪڍيو.

حضرت امام زين العابدينؓ، بابي حسينؓ جو تعزيو تابوت ناهي ڪڍيو. امام محمد باقرؒ ناهي ڪڍيو. امام جعفر صادقؓ ناهي ڪڍيو.

او! فقہ جعفريہ جا نعرا هڻڻ وارؤ! جيڪڏهن پاڪستان ۾ فقہ جعفريہ نافذ ٿي تہ توهان جا تعزيا تابوت ماتمي جلوس بند ٿي ويندا.

سنيو! جيڪڏهن فقہ جعفريہ ۾ تعزيا تابوت ناهن تہ فقہ جعفريہ وارا ڇوٿا ڪڍن؟ شيعہ پنهنجي فقہ جعفريہ جي پابندي ڪن.

## شيعن جي آذان جو ثبوت دنيا جي ڪنهن ڪتاب ۾ ناهي

شيعو! مان توهان جو خيرخواهہ آهيان. مان توهان جو همدرد آهيان. اهو فقہ جعفريہ وارو نعرو هڻڻ ڇڏي ڏيو، نہ تہ {**خليفة بلا فصل**} واري آذان توهان جي بند ٿي ويندي. جيڪا آذان فقہ جعفريہ مان ثابت آهي شيعہ اها آذان ڏين. بلڪ شيعہ مذهب جي(اصول اربعہ منجهان) ڪتاب {**مَن لا يحضره الفقيہ**} واري لکيو آهي تہ خدا ان ٽولي تي لعنت ڪري جنهن آذان ۾ {**علی ولی الله**} وارو ٽڪرو وڌايو آهي. ڪتاب جو نالو آهي {**من لايحضره الفقيه**} جلد ١ صفحي ٢٠٣ تي لکيل آهي تہ خدا مُفَوِّضہ جماعت تي لعنت ڪري، جنهن آذان ۾ {**علی ولی الله**} وارو ٽڪرو وڌايو آهي. **(ڏسو شيعہ ڪتاب جو عڪس صفحي ٤٦ تي)**. (وسائل شيعہ اردو ج ٣ ص ٦٢)

سُني انهن کان پڇن تہ جنهن آذان تي شيعن جي ڪتاب ۾ لعنت لکي پئي آهي شيعہ اها آذان ڇو ٿا ڏين؟ بلڪ شيعہ اها آذان ڏين جيڪا امام جعفر صادقؒ انهن کي سيکاري آهي.

## شيعہ فقہ جعفريہ کي نہ ٿا مڃن

مطلب تہ جيسيتائين فقہ جعفريہ نافذ نٿي ٿئي، تيسيتائين جهڙي مرضي آذان ويڙ! هر سال ٽڪرو وڌائيندا وڃو!! جنهن ڏينهن فقہ جعفريہ توهان واري نافذ ٿي وئي، تہ ان ڏينهن توهانجون آذانون بند ٿي وينديون، تابوت توهان جا بند ٿي ويندا.

سنيو! توهان هوشيار ٿيو. الله توهان کي توفيق ڏئي ها تہ هڪ جلوس توهان بہ اسلام آباد ۾ وڃي ڪڍو ها ۽ حڪومت پاڪستان کان اهو مطالبو ڪيو ها تہ شيعن جا تابوت بند ڪرايو، اسان محرم ۾ شيعن جا جلوس تعزيا ۽ تابوت ڪونہ ڪڍڻ ڏيندا سين. يا شيعہ فقہ جعفريہ مان ثبوت ڏيکارن يا تابوت پنهنجن گهرن ۾ وڃي ڪڍن.

ٺيڪ آهي يا نہ؟ (ٺيڪ آهي).

ڇو تہ اهي فساد جو سبب آهن، شيعو اهو مذهب ناهي جيڪو امام جعفر صادقؒ جي فرمان مان ثابت هجي.

جڏهن ايران ۾ تعزيا تابوت ناهن تہ پوءِ پاڪستان جا شيعہ تعزيا تابوت ڇو ٿا ڪڍن؟ اهو معقول مطالبو آهي يا غير معقول؟... (معقول)

## اَلصَّلَاةُ خَيْرٌ مِّنَ النَّوْمِ جو حديث مان ثبوت

الله جا ٻانهو! (توهان سني) هوشيار ٿيو. انهن شيعن وٽ ڪنهن ڳالھ جو ڪو ثبوت ئي ڪونهي. باقي حڪومت پاڪستان اهو بہ قانون نافذ ڪري تہ سُنين کي بہ اها نيڪي ڪرڻ جي اجازت ناهي جيڪا نبيءَ ۽ نبيءَ جي جماعت وٽان ثابت نہ هجي. ٺيڪ آهي؟ باقي ممڪن آهي ڪو شيعو منهنجي تقرير ٻڌندو هجي ۽ چوي تہ پوءِ توهان جي {اَلصَّلَاةُ خَيْرٌ مِّنَ النَّوْمِ} واري آذان بند نہ ٿي ويندي؟ (تہ اسان بہ اهوئي چئون ٿا تہ ٺيڪ آهي) جيڪڏهن اسان نبي ﷺ جو فرمان نہ ڏيکاريو سين، تہ پلي اسان جي آذان بہ بند ٿي وڃي. مان ملڪ ۾ فساد تہ نٿو چاهيان. مان ائين نٿو چاهيان تہ سُنين جي جيئڻ مرضي تيئن وڃي ڪن. شيعہ سني مِلي ڪري رهن.

شيعہ امام جعفر صادقؒ جي پيروي ڪن. سني نبي ﷺ جي نقش قدم تي هلن. جيڪڏهن تعزيا تابوت نبي ﷺ ناهن ٺاهيا تہ شيعہ سني بہ نہ ٺاهن.جيڪڏهن ٻارهن (١٢) امامن مان ڪنهن هڪ بہ امام ٺاهيا هجن تہ پوءِ شيعن کي تعزيا تابوت ٺاهڻ جي اجازت ملڻ کپي.

جيڪڏهن ٻارهن امامن مان ڪنهن هڪ امام بہ{**علي ولي الله خليفته بلافصل**} واري آذان ڏياري آهي تہ شيعن کي بہ اجازت ملڻ گهرجي. ليڪن اها آذان شيعن کي ڏيڻ جو ڪو حق ناهي جيڪا امام پاڪن وٽان ثابت نہ هجي. ٺيڪ آهي؟ (ٺيڪ آهي)

باقي ٿي سگهي ٿو توهان ڀريون منهنجي تقرير نہ ٻڌي هجي. منهنجو هي پاڪستان ۾ اعلان آهي تہ اگر صبح جي {**الصَّلَاةُ خَيْرٌ مِّنَ النَّوْمِ**} واري آذان پاڪ محمد ﷺ جي فرمان مان ثابت نہ ڪيان تہ منهنجي سزا ڦاسي آهي، حڪومت پاڪستان تان منهنجو خون معاف آهي. مان ٻنهنجي {**الصَّلَاةُ خَيْرٌ مِّنَ النَّوْمِ**} واري صبح جي آذان پاڪ محمد ﷺ جي فرمان مان ڏيکاريندس.

حضرت بلالؓ فرمايو تہ نبي سائين ﷺ مون کي فرمايو تہ هي تسبيح {**الصَّلَاةُ خَيْرٌ مِّنَ النَّوْمِ**}واري، صبح جي آذان کان سواءِ ٻئي ڪنهن آذان ۾ نہ چئجان، صبح جي آذان ۾ چئجان. اهو نبيءَ ﷺ جو فرمان آهي. ڪنهن جو فرمان آهي؟ (نبي ﷺ جو).

حضرت ابو محذورهؓ مڪي جو مؤذن آهي فرمائي ٿو.

{**رَسُولَ اللهِ عَلَّمَنِي سُنَّةَ الْأَذَانِ**} نبي پاڪ ﷺ مونکي آذان جو طريقو سيکاريو. حضور صلي الله علي وآلہ وسلم جن فرمايو اي محذوره!

{**فَإِنْ كَانَ صَلَاةُ الصُّبْحِ**} جڏهن صبح جي نماز جي آذان ٿئي تہ {**الصَّلَاةُ خَيْرٌ مِّنَ النَّوْمِ مَرَّتَيْنِ**}

بہ دفعا {**الصَّلَاةُ خَيْرٌ مِّنَ النَّوْمِ**} بہ چوندو ڪر. اهو نبي سائين ﷺ فرمايو.

ڪنهن فرمايو؟ (نبي ﷺ سائين)

(فجر جي آذان ۾ {الصَّلَاةُ خَيْرٌ مِّنَ النَّوْمِ} چوڻ جو ثبوت حديثن مان پيش ڪيو ويو آهي)

❶ سنن نسائي اردو: جلد ١: حديث نمبر ٦٣٧ ۽ ٦٥١ ڏسو عڪس صفحي ٧٧ تي

❷ سنن ابوداؤد اردو: جلد ١: حديث نمبر ٤٩٧ ۽ ٤٩٨

❸ جامع ترمذي اردو: جلد ١: حديث نمبر ١٩١

❹ سنن ابن ماجه اردو: جلد ١: حديث نمبر ٧٠٧

❺ سنن ابن ماجه اردو: جلد ١: حديث نمبر ٧١٥، ٧١٦

❻ دار قطني ج١ ص ٢٤٣

تہ اسان جو {الصَّلَاةُ خَيْرٌ مِّنَ النَّوْمِ} وارو ٽڪرو نبي سائين ﷺ جي فرمان مبارڪ مان ثابت آهي. ۽ شيعن جو {علی ولی الله} وارو ٽڪرو ٻارهن امام وٽان ثابت ناهي. شيعن جي ڪتابن مان ثابت ناهي. خدا جي آسمان هيٺان نہ آهي ۽ نہ خدا جي زمين تي آهي تہ ڪنهن امام اهو ٽڪرو آذان ۾ پڙهايو هجي يا انهن جي دؤر ۾ چيو ويو هجي هر گز ثابت نہ آهي.

توهان حيران ٿيندا هوندا تہ هي ڪهڙو مولوي آهي جيڪو چوي ٿو تہ شيعن جو مسئلو، شيعن جي ڪتابن ۾ نہ آهي. ائين تہ انهن جا ڪيترائي مسئلا آهن جيڪي انهن جي ڪتابن مان ثابت نہ آهن. منهنجو خيال آهي تہ شيعن جو ڪو بہ مسئلو حضرت عليؓ جي خلافت واري دور مان ثابت نہ آهي. شيعن جي ڪتابن ۾ نہ آهي، حضرت عليؓ جي فرمان ۾ نہ آهي.

مان تہ توهان کي درخواست ڪندس تہ شيعہ سني گڏجي نبي ﷺ جي دروازي تي اچو. حضور ﷺ جي فيصلي آڏو پنهنجو ڪنڌ جهڪايو.

اهو ڪنهن دوست (پرچيءَ ۾) لکيو آهي تہ اصحابيؓ، نبي ﷺ جي جنازي تي نہ آيا رڳو خلافت جي پيچ ٻڪ ۾ پئجي ويا هئا.

## پاڪ پيغمبر ﷺ جا وزير ۽ مشير

توهان ڪنهن ڪتاب مان اهو ثابت تہ ڪري ڏيکاريو تہ حضرت ابوبڪر صديقؓ ڪنهن جو دروازو ڪڙڪايو هجي تہ خليفو مونکي ڪيو

يا پنهنجي هٿ تي بيعت ڪرائي هجي. (جيڪڏهن اها ڳالهه ثابت ٿي وڃي) تہ مان سُني مذهب ڇڏي ڏيندس، هي قرآن گواهہ ڪري ٿو چوان. دنيا جي ڪنهن ڪتاب ۾ اهو حوالو هجي تہ صديقؓ در در ڇڪر هنيا هجن (۽ ڪنهن کي اها منٿ ڪئي هجي) تہ مسلمانو خيال ڪيو، خليفو مونکي ڪيو. منهنجي هٿ تي بيعت ڪيو. جيڪڏهن دنيا جي ڪنهن ڪتاب مان اهو حوالو ملي وڃي تہ مان سُني مذهب ڇڏي ڏيندس.

الله جا ٻانهو! (حديث جي ڪتابن ۾ تہ اهو لکيل آهي تہ) صديقؓ تہ نبي پاڪ ﷺ جي پيشاني پيو ٿو چمي. (نبي ﷺ جي وفات تي) نِير پيو ٿو وهائي. (۽ فرمائي پيو) سهڻا پاڪ پيغمبر ﷺ {**طبت حيا وميتا**} **(صحيح البخاري ٥ / ٧)** (نبي سائين) دنيا ۾ آيا هيا تہ بہ پاڪ هئا جي دنيا مان وڃن ٿا تہ بہ پاڪ آهن.

صديقؓ تہ اندر ڳوڙها پيو ٿو ڳاڙي. پاڪ پيغمبر ﷺ جي پيشاني پيو ٿو چمي. مسجد نبوي ۾ ڪيئي صحابيؓ بيهوش پيا آهن. ڪي وري ائين پيا چون تہ پريشان نہ ٿيو، نبي ﷺ اجهو اٿندا، اسان کي نماز پڙهائيندا. چورن جا هٿ بہ ڪٽيندا. عمرؓ جهڙو جوان چئي پيو، خبردار! جيڪڏهن ڪنهن بہ ائين چيو آهي تہ نبي سائين ﷺ وفات ڪري ويا آهن تہ مان ان جو ڪنڌ ڪپي ڇڏيندس. **(تاريخ ابن خلدون اردو جلد ٢ حصو اول صفحو ١٦٩)**

صحابيؓ اهو ڪيئن ٿا برداشت ڪري سگهن تہ نبي ﷺ جن وفات ڪري ويا هجن. جيڪي (صحابي) نبي ﷺ خاطر وطن ڇڏي آيا. مال ملڪيتون ڦٽي ڪري آيا. گهر گهاٽ ڇڏي آيا. ماءُ پيءُ کي ڇڏي آيا. پاڪ پيغمبر ﷺ سان گڏ مديني آيا. اڄ اهي ڪاٿي ٿا اهو برداشت ڪري سگهن تہ پاڪ پيغمبر ﷺ جن وفات ڪري ويا هجن.

صديقؓ (نبي پاڪ ﷺ جي)حجري کان ٻاهر نڪتو. مسجد ۾ بيٺل عمرؓ جي پاسي ۾ بيهي، ماڻهن کي نبي ﷺ جي وفات جو مسئلو ٻڌايائون.

ڪنهن نوجوان صحابي (حضرت ابوبڪرؓ ۽ حضرت عمرؓ ڪي) مسجد جي دروازي تي اچي سڏيو. (ان نوجوان چيو، باغ سقيفہ ۾) انصاري پيائر (خلافت جي سلسلي ۾) گڏ ٿيا آهن. ڪاٿي امت نبي ﷺ جي ٽڪرا ٽڪرا نہ ٿي وڃي. توهان وڏا آهيو اتي وڃي هن مسئلي ڪي حل ڪيو. مسلمانو! رڳو توهان ڪي حضرت ابوبڪرؓ ۽ حضرت عمرؓ جي شان جي خبر ناهي، ليڪن اُن زماني جا ماڻهو اهو ڄاڻيندا هيا تہ اهي ٻئي نبي جا وڏا وزير ۽ مشير آهن.

نبي پاڪ ﷺ جن فرمايو تہ الله پاڪ مونکي ٻہ وزير آسمان ۾ عطا ڪيا ۽ ٻہ وزير زمين ۾ عطا ڪيا آهن آسمان وارا منهنجا وزير جبرائيلؑ ۽ ميڪائيلؑ آهن ۽ زمين وارا منهنجا وزير ابوبڪرؓ ۽ عمرؓ آهن.

(جامع ترمذي اردو، جلد ۲،حديث نمبر ۳۴۵۱) (**ڏسو عڪس صفحي ۷۸ تي**)

الله جو قسم آهي دوستو، حضرت ابوبڪرؓ ۽ حضرت عمرؓ اڌ اڌ رات جو اچي سهڻي محمد مصطفیٰ ﷺ سان مشوَرو ڪندا هيا. اهي ٻئي حضور ﷺ جن جا وزير ۽ مشير آهن.

حديث پاڪ ۾ اچي ٿو تہ جڏهن حضور ﷺ مسجد نبوي ۾ قدم رکندا هيا تہ پاڪ پيغمبر ﷺ جي رعب جي ڪري سيني مهاجرين ۽ انصارن جا ڪنڌ جهڪي ويندا هيا. پاڪ پيغمبر ﷺ جي چهري مبارڪ تي نظر نہ وجهي سگهندا هيا. (بس) هڪڙو حضرت ابوبڪرؓ ۽ (ٻيو) حضرت عمرؓ هيا جيڪي حضور ﷺ ڪي ڏسندا هيا ۽ حضور ﷺ انهن ڪي ڏسي مسڪرائيندا هيا... (ترمذي ۶۱۲/۵- مترجم ج۲ ص ۵۳۷) (**ڏسو عڪس صفحي ۷۹ تي**)

## پاڪ پيغمبر ﷺ جي تعليم ۽ تربيت جو اثر

انهن ٻنهي صحابن جي مقام ۽ انهن جي شان جو ان زماني جي مهاجرين، انصارين ۽ بني هاشم ڪي بہ علم هيو. جنهنجي ڪري ان جوان اچي چيو: ابوبڪرؓ ۽ عمرؓ! توهان پاڪ پيغمبر ﷺ (جي دين) جو خيال ڪيو، (هي تمام نازڪ مسئلو آهي متان اُمت ۾ انتشار ٿي وڃي).

او ملتان جا نوجوانو! توهان کي خبر آهي تہ حضرت ابوبکرؓ ۽ حضرت عمرؓ جيڪڏهن ان وقت اهو انتظام نہ سنڀالين ها تہ توهان جو اسلام ۽ قرآن تہ حضرت محمد مصطفیٰ ﷺ کان بعد دنيا ۾ ڪونہ ڦهلجي سگهي ها. اها ڳالھ سمجهي ڇڏيو. اها تہ حضرت ابوبکرؓ ۽ حضرت عمرؓ جي همٿ هئي ۽ الله پاڪ انهن کي اها توفيق ڏني جو نبي ﷺ جي امت جي اتحاد کي قائم رکيائون.

سَقِيفَہ بَنِي سَاعِدَہ حضرت ابوبکرؓ جو ديرو ڪونہ هو ۽ نہ ئي حضرت عمرؓ جي اوطاق هئي. اها جڳھ (يعني باغ) انصارين جو هو. اتي جماعت بہ انصارين جي هئي. ڇا حضرت ابوبکرؓ اتي ڪنهن کي چيو هو تہ مونکي خليفو ڪيو؟ يا منهنجي هٿ تي بيعت ڪيو؟ هرگز نہ.

اتي مجمعو انصارين جو هو.

جڳھ انصارين جي هئي.

ميٽنگ انصاري پيا ڪن.

سوچين انصاري پيا تہ نبي پاڪ ﷺ کي اسان وٽي آيا هيا سين تنهنڪري اسان پنهجي سردار حضرت عبيدہؓ کي خليفو ڪيون ٿا. اهو انهن جو پاڻ ۾ مشوَرو ۽ ميٽنگ هلي رهي آهي. جڏهن اتي نبي ﷺ جا وزير ۽ مشير پهتا تہ صديقؓ (انهن انصارين جي) ڳالھ ٻڌي فرمايو،

انصاري پيارو! نبي پاڪ ﷺ جو فرمان آهي تہ {**اَلْاَئِمَّةُ مِنْ قُرَيْشٍ**} **(مسند احمد:جلد نهم:حديث نمبر ١٥)** امام (خليفا) قريشي ٿيندا. توهان وزير هوندا، امير نہ ٿيندا. انصارين جي ايمان کي ڏسو، جڏهن پاڪ محمد ﷺ جو فرمان ٻڌائون تہ سيني جا ڪنڌ جهڪجي ويا. (جيڪڏهن انصارين کي نبي ﷺ سان محبت نہ هجي ها تہ انصاري) ڌڪا ڏئي ابوبکرؓ کي پنهنجي ميٽنگ مان ٻاهر ڪڍي ڇڏين ها. تہ هليو وڃ تون ڪير ٿيندو آهين اسان جي ڪم ۾ دخل ڏيڻ وارو. پر اهو حضور ﷺ جي تعليم ۽ تربيت جو اثر هو ۽ حضور ﷺ جي تزڪيہ (يعني پاڪ ڪرڻ) جي تاثير هئي جو جڏهن انهن (صحابن سڳورن) پاڪ پيغمبر ﷺ جو فرمان ٻڌو تہ

اُتي موجود سڀني مسلمانن جا ڪنڌ جهڪجي ويا. جڏهن اها ڳالهہ ٿي تہ قريشي خليفو ٿيندو تہ چيو ويو ابوبڪرؓ تون ٿي، تون قريشي آهين. ابوبڪر صديقؓ چيو نہ ڪنهن ٻئي ڪي ڪيو.(يا ابوعبيدهؓ بن جراح يا عمرؓ ڪي ڪيو) ابوعبيدهؓ بن جراح چيو عمرؓ ڪي ڪيو، (عمرؓ چيو ابوبڪرؓ ڪي ڪيو) (**شيعہ ڪتاب احتجاج طبرسي اردو ج۱ صفحو ۱۱۷ ۽ ۱۱۹**) اتي سڀ مجمعي چيو صديقؓ هتي تنهنجي مقابلي جو ڪير ڪونهي. سهڻو نبي ﷺ پنهنجي مصلّي تي توکي بيهاري ويا آهن بس خلافت جو حقدار بہ تون آهين.

(سيرت مصطفيٰ ﷺ ج**۳** ص۱۱۸- ۱۱۹ ـــ تاريخ ابن خلدون اردو ج**۲** ص **۱۷٦**، **۱۷۷**، **۱۷۸** ـــ تاريخ ابن ڪثير البدايہ والنهايہ اردو ج**۵** ص **۳۳۵** کان **۳۴۲** تائين - غنية الطالبين اردو صفحو۱۱۴)

انصارين بيعت شروع ڪري ڏني. پوءِ (واپس) مسجد ۾ آيا تہ اتي اچا حضرت عليؓ سائين غسل (ڪفن) کان ئي فارغ نہ ٿيا هيا. (يعني اهو سڄو معاملو ٿوري ئي وقت ۾ حل ٿي ويو) (**تاريخ ابن ڪثير اردو ج۵ ص ۳۳۹**)

## جنازة الرسول ﷺ

شيعن کان پڇو تہ هو پنهنجي ڪتابن مان ڏيکارين تہ (ڪاٿي لکيل آهي تہ) اصحابي سڀورا (حضور ﷺ جن جي جنازي پڙهڻ کان) رهجي ويا هيا. تہ پوءِ حضرت عليؓ سائين جنازو ڇو رکي وينا آهن؟

هاڻي هي پرچي وارو لکي ٿو تہ ٽن ڏينهن تائين جنازو پيو هيو ابوبڪرؓ ۽ عمرؓ نہ پيا اچن. او! خدا راضي ٿيئي، پهريان تہ مان اها ڳالهہ ميجان نہ ٿو. پر جي ميجان بہ تہ.تون ٻڌاءِ تہ جنازو دوستن لاءِ رکبو آهي يا دشمنن لاءِ رکبو آهي؟... (دوستن لاءِ) عليؓ انتظار وينو ٿو ڪري. (ابوبڪرؓ ۽ عمرؓ لاءِ) جنازو رکي وينو آهي. ۽ تون تبرو پيو ٿو ڪرين.

هت بہ تونسوي اٿئي، تون سمجهندو هوندي تہ ڪو شغل آهي جو مان پرچي لکندس تہ مولوي لاجواب ٿي ويندو. پنهنجن (شيعن)

مجتهدن کان ٻہ منهنجن سوالن جا جواب پڇرائي ڏي تہ تعزيا کهڙي امام ٺهرايا هيا؟ هر سال ڪيئي لکين رپيا تعزين تي پنهنجن شيعن جا خرچ ڪرايو ٿا. هوڏانهن وري غريبن کي زنجيرن سا ڪُٽرايو ٿا ۽ پاڻ وري هوريان هوريان ڏک هڻو ٿا. شيعہ سيد، قريشي، وڏا ذاڪر آهستي آهستي پٽيندا آهن جهڙو پتاشا ٿا ڪُٽن. توهان انهن کي ڪڏهن پٽيندا ڏسو، بس غريب شودن کي زنجيرون ٺهرائي ڏئي ڇڏيون اٿن، اُهي رتو رتُ لڳا پيا آهن. غريبو! خيال ڪيو مان توهان جو خير خواهہ آهيان. ايندڙ محرم تي وڏن سيدن، قريشن، ذاڪرن کي چئجو تہ ميان! توهان بہ زنجيرون ٺاهرايو، جيئن جنتي سڀ گڏ ٿيون. جي اُهي زنجيرون نہ ٺهرائن تہ توهان وڏي سيد جي پاسي ۾ وڃي ويهجو، هڪ زنجير پنهنجي پٺي ۾ هڻجو تہ ٻہ زنجيرون وري هن جي پٺي تي وهائي ڪڍجو. چو تہ حسينؓ جو غم جو ٿيو تہ اهو شودو ثواب کان محروم ڇو ٿئي. بس دين کي شغل بنائي ڇڏيو اٿن. خدا معاف ڪري. الله جا ٻانهو! ايترو عقل بہ ڪونہ اٿوَ.

مان توهان کان پُڇان ٿو تہ نبي سائينﷺ جيڪا ٽيويهہ سال دين اسلام جي تبليغ ڪئي هئي ۽ سهٽي عليؓ جيڪا پنهنجي زندگي گذاري هئي، نبي ﷺ جي زماني ۾، صديقؓ جي زماني ۾، فاروقؓ جي زماني ۾ ۽ غنيؓ جي زماني ۾. ڇا حضرت علي سائين پنهنجي زماني ۾ اها نيڪي ڪئي هئي، جيڪو اڄ پاڪستان جو شيعو ٿو ڪري؟

ڇا حضرت علي سائين تعزيا تابوت ۽ ماتمي جلوس ڪڍندا هيا؟

پٽڪو ڪندا هيا؟

دُلدُل (يا ذوالجناح) گهمائيندا هيا؟

## حضرت حسين رضی اللہ عنہ جي سواري ڏاچي

الله جا ٻانهو! تحقيق تہ ڪيو. ڇا حسينؓ جي سواري گهوڙو هيو؟ مان تہ شيعن جا ڪتاب پڙهيا آهن جنهن ۾ لکيل آهي تہ حضرت

حسينؓ مديني کان مکي تائين، مکي کان ڪربلا تائين ڏاچي تي سوار ٿي آيا هيا. **(شيعہ ڪتاب: ذبح عظيم صفحو٤٤٦- بحارالانوار اردو جلد اول صفحو ٢٠٥)** هاڻي حضرت حسينؓ جي سواري ڏاچي هجي ۽ توهان گهوڙي جي زيارت ويٺا ڪيو تہ توهان کي ثواب ڪيئن ملندو؟ آخر اها تحقيق تہ پهريان ڪيو تہ حضرت حسينؓ جي سواري ڪهڙي هئي؟ باقي مان ڪوڙ نہ ڳالهائيندس، شيعن جي هڪ ڪتاب ۾ لکيل آهي تہ نبي ﷺ وارو گهوڙو اتي ڪربلا پهچي ويو هو. هاڻي خدا ٿو ڄاڻي تہ ان گهوڙي جي عمر ڇا هئي؟ ان کي وٺي ڪير آيو؟ حضرت حسينؓ تہ ڏاچي تي سوار ٿي آيا هيا.

سڀ ڳالهيون انهن جون هٺ ٺوڪيون آهن. هل ٺيڪ آهي جيڪڏهن گهوڙو هُيَن تہ اُهو ئي گهوڙو هين (جيڪو اڄ توهان وٽ آهي) يا (ٻيو) ڪو گهوڙو هين، توهان وٽ تہ پوئين سال ڪارو گهوڙو هو. هن سال ڦڪو گهوڙو آهي. اڳئين سال نيرو گهوڙو ٿي ويندو. ۽ ماڻهو زيارت ويٺا ٿا ڪن. قسمت هن قوم جي.

مسلمانو! سوچيو نہ ٿا حضرت حسينؓ جي نقلي سواريءَ جي تہ (شيعو) ايڏي عزت ٿو ڪري. (هوڏانهن وري) پاڪ پيغمبر ﷺ جي اصلي گهرواري بيبي سيده عائشہؓ تي لعنتون ٿو ڪري. حضرت حسينؓ جو فيض چوڏهن سؤ سالن ڪانپوءِ گهوڙي تي پهچي ويو ۽ ناني جو فيض اصلي گهرواري تائين بہ نہ پهچي سگهيو؟ ڪجھ تہ خدا کان ڊڄو. سڀ نقلي پروگرام ٺاهي قوم کي بي وقوف بنائي ويٺا آهيو.

گذريل سال ميانوالي ۾ شيعن هڪ جاءِ تي گهوڙو ڪڍيو هوڏانهن ٻيو شودو ڊوڙندو آيو تہ گهوڙي جي زيارت ڪيان، رش هئي ڏاڍي تہ گهوڙي جي پٺئين پاسي کان آيو، گهوڙي جي ڊونگر تي جو هٿ گهمائي منهن تي جو ڦيريائين تہ گهوڙي هنيس لت، همراھ جي ٽنگ ڀڄي پئي. اتي جيڪو ملنگ گهوڙي سان بيٺو هو اهو وري

(گھوڙي کي) چئي پيو آرام مولا آرام... آرام مولا آرام... گھوڙي همراهه جي ٽنگ پيچي پڇڏي آهي تہ هي وري آرام مولا آرام. الله جي پناهه. قسمت شودن ماڻھن جي.

هي دين ڏاهيو اٿن جو نبي ﷺ جي اصلي جماعت تي تبرو ٿا ڪن، انھن کي بي وفا ٿا چون (۽ امام جي نقلي سواريءَ جي وري ايڏي عزت).

## سوچ تہ سهي!

مونکي توهان اها ڳالھ چونہ ٿا سمجھايو، تہ حُر هڪ لحظو حضرت حسينؓ سان گڏ مليو تہ ان کي شيعہ، حضرت حُر پيا ٿا چوَن. ان جي شهادت پيا ٿا ٻڌائين. پر جيڪي صحابي سڄو را سڄي زندگي پاڪ محمد ﷺ سان گڏ رهيا تہ انھن جو ڪو شان مقام نہ هيو؟ حُر هڪ لحظو حضرت حسينؓ سان ملي ٿو تہ ان کي فيض ملي ٿو وڃي. هوڏانھن حضرت ابوبڪر صديقؓ سڄي زندگي حسينؓ جي ناني محمد مصطفیٰ ﷺ سان گڏ رهيو، تہ ان کي ڪو فيض نہ مليو؟ ايتري بہ سوچ نہ اٿوَ. ايترو بہ عقل نہ اٿوَ. نبي ﷺ جي صحابنؓ لاءِ پيا ٿا لکو تہ نبي ﷺ جا صحابي، نبي ﷺ جي جنازي تي نہ آيا. اهو توهان کي ملنگن سيکاريو آهي نہ؟ خدا راضي ٿئيوَ. نبي سائين ﷺ جيڪا ٽيويھ سال امت کي تعليم پڙهائي ۽ سيکاري ويا تہ ان تعليم ۽ تربيت جو اهو اثر ٿيو؟

او ملتان جا دوستو! ٿڌي دماغ سان سوچيو. مان ڪنھن نہ ڪم جو آهيان پر جي مان ڪاٿي تقرير لاءِ ويندو آهيان، اُتي مان پاڻي گھرندو آهيان تہ ماڻھو مونکي شربت پياريندا آهن. مان ماني گھرندو آهيان تہ ماڻھو مونکي زردا پلاء ڪڪڙ کارائيندا آهن. ۽ محمد مصطفیٰ ﷺ جي ٽيويھ سال قرآن سيکارڻ جو اهو اثر ٿيو جو ڪاغذ قلم گھريو تہ ڪنھن نہ ڏنو؟ وفات ڪيائون تہ جنازي تي ڪير نہ آيو؟ وري ٻئي ڏينھن تي عليؓ کان خلافت کسي ويا؟ ٽئين ڏينھن تي بي بي سائڻ کان باغ بہ کسي ويا؟ نبي ﷺ جي ٽيويھ سال تعليم جو اهو اثر ٿيو؟ ڪجھ تہ خدا جو خوف ڪيو.

ملتان وارو! پاڪستان وارو! محمد مصطفيٰ ﷺ ڪي ميجو ٿا؟ ٻڌايو تہ نبي ﷺ جي تعليم ۾ اهو اثر هو؟ الله تعالىٰ قرآن ۾ فرمايو آهي:

وَيُزَكِّيهِمْ وَيُعَلِّمُهُمُ الْكِتٰبَ وَالْحِكْمَةَ (العمران آية ١٦٤)

منهنجو نبي ﷺ پهريون پاڪ ڪندو آهي پوءِ قرآن مجيد جي تعليم ڏيندو آهي

نبي ﷺ جن ڪي ٽيويهہ سال پڙهائي ويا تہ نبي ﷺ جي تعليم جو ڪهڙو اثر ٿيو؟ سمجهو نہ ٿا؟

توهان جي اسڪول جو استاد هڪ سال توهان جي ٻارن ڪي پڙهائي ٿو تہ توهان جا ٻار ڪامياب ٿا ٿين. پر محمد مصطفىٰ ﷺ جن ڪي ٽيويهہ سال پڙهايو اهي ناڪام ڪيئن ٿي ويا؟

دنيا جي ماڻهن کان پڇو. انهن سوالن جا جواب دنيا جي ڪنهن عالم وٽ ناهن. رب راضي ٿيئي،

شاگرد ڪامياب، استاد ڪامياب. شاگرد ناڪام استاد ناڪام.

يعني شاگرد جي ڪاميابي، استاد جي ڪاميابي آهي. شاگرد جي ناڪامي، استاد جي ناڪامي آهي.

جيڪڏهن محمد مصطفىٰ ﷺ جا شاگرد ناڪام ٿي ويا تہ پوءِ محمد مصطفىٰ ﷺ جي نبوت ڪي ڪير مڃيندو؟

توهان ماڻهن ڪي اهو ٿا ڏسيو تہ، عليؓ تہ پهريان کان ئي پاڪ هو

سيده فاطمہؓ بہ پهريان کان ئي پاڪ هئي.

حسنؓ حسينؓ بہ پهريان کان ئي پاڪ هيا.

تہ پوءِ سهڻي نبي سائين ﷺ اچي ڪم ڪهڙو ڪيو؟

قرآن تہ هي اعلان ٿو ڪري،

وَيُزَكِّيهِمْ وَيُعَلِّمُهُمُ الْكِتٰبَ وَالْحِكْمَةَ . منهنجو نبي ﷺ پهريان پاڪ ڪندو آهي پوءِ قرآن مجيد جي تعليم ڏيندو آهي.

الله پاڪ قرآن مقدس ۾ فرمايو آهي:

اِذَا جَآءَ نَصۡرُ اللّٰهِ وَالۡفَتۡحُ ۙ﴿۱﴾ وَ رَاَیۡتَ النَّاسَ یَدۡخُلُوۡنَ فِیۡ دِیۡنِ اللّٰهِ اَفۡوَاجًا ۙ﴿۲﴾

ترجمو: جڏهن خدا جي مدد اچي پهتي ۽ (حق ۽ صداقت جي) سوڀ ٿي ۽ توهين پنهنجين اکين سان ڏسي ورتو تہ الله جي دين ۾، ماڻهو ٽولن جا ٽولا داخل ٿي رهيا آهن.

يعني الله جي دين ۾ فوجن جون فوجون داخل ٿيون. تہ اهي قرآن واريون فوجون ڪاڏي هليون ويون؟ جڏهن عليؓ جي خلافت ڪسجي پئي. بي بي جو باغ ڪسجي پيو. اهي قرآن واريون فوجون نبي ﷺ جي جنازي تي چو نہ آيون؟ دنيا جي عالمن ڪان پڇو. افسوس آهي جو مسلمان انهن ڳالهين تي غور نہ ٿا ڪن، نہ تہ اهو مسئلو جلدي حل ٿي وڃي.

## پاڪ پيغمبر ﷺ جي جنازي ۾ تمام صحابہ جي شرڪت

باقي صحابيؓ سڀ‍ڳورا، نبي ﷺ جي جنازي تي آيا هيا. اها ڳالهہ تہ ايران جي ڪتابن ۾ بہ لکيل آهي. (شيعن جي وڏي مجتهد) باقر مجلسي جي لکيل ڪتاب حيات القلوب فارسي جلد ٻيو صفحو ٦٦٤ تي لکيل آهي. نبي پاڪ ﷺ جن جي جنازي جي متعلق لکيل آهي.

| | |
|---|---|
| تاآنکہ خورد بزرگ مرد وزن از اہل مدینہ واہل اطراف مدینہ ہمہ برآں جناب چنیں نماز کردند۔ (حياة القلوب فارسي ج ٢ ص ٦٦٤) | ٻار آيا، پوڙها آيا، مديني وارا آيا، ٻر پاسي وارا آيا، سڀني پاڪ پيغمبر ﷺ جو جنازو پڙهيو. |

منهنجي پاڪ پيغمبر ﷺ جي جنازي تي سڀ مهاجر آيا سڀ انصار آيا. زمين وارا فرشتا آيا آسمان وارا فرشتا آيا. منهنجي پاڪ پيغمبر جو جنازو پڙهيائون. (حياة القلوب اردو ج٢ صفحو ١٠٢٢)

**(ڏسو شيعہ ڪتاب جو عڪس صفحي ٨٠ تي)**

هي شيعہ مذهب جي هي ٻي ڪتاب آهي. "احتجاج طبرسي" جيڪا نجف اشرف جي ڇپيل ڪتاب. تون اسان ڪي ٻڌاءِ! تہ منهنجي

پاڪ پيغمبر ﷺ جي جنازي نماز پڙهڻ کان ڪو رهيو به يا نه؟ احتجاج طبرسي ۾ لکيل آهي ته:

**لم يبق من المهاجرين والانصار الا صلى عليه** (احتجاج طبرسي ج١ صفحو٨٠)

ڪوبه مهاجر ۽ انصار نبي ﷺ جي جنازي پڙهڻ کان نه رهيو.

**(ڏسو شيعه ڪتاب جو عڪس صفحي ٨١ تي)**

سڀني پاڪ پيغمبر ﷺ جو جنازو ادا ڪيو. شيعن جي ڪتاب ۾ لکيل آهي. ته ڪوبه مهاجر ۽ انصار نبي ﷺ جي جنازي پڙهڻ کان ڪونه رهيو. سڀ صحابي پاڪ پيغمبر ﷺ جي جنازي تي آيا هيا.

ان مسئلي تي مان هڪ ننڍو رسالو به لکيو آهي ”جنازة الرسول ﷺ“. پر افسوس آهي ته توهان جو مون سان ڪو گهڻو ميل جول ڪونهي. توهان ته ٻڌندا رهندا آهيو شعر، اوسارا ته ”آواز پيي آندي ئي“ جيئن هڪ دفعي ريڊيو اسٽيشن تي ملنگ آيو ۽ قصيدو پڙهيائين. پڙهندي پڙهندي ذاڪر به چار بند پڙهي چيائين ”وَل آواز آئي“ ڪٿون آواز آئي؟ وري به چار بند پڙهي چيائين ”وَل ته آواز آئي“ ڪٿون آئي آواز ڏس ته سهي؟ توبهه. اهو هن قوم جو دين آهي ته آواز آئي. هي (مون وٽ) آواز ناهي آئي، هي دلائل آهن.

## پاڪ پيغمبر ﷺ جي جنازي ۾ حضرات ابوبڪر ۽ عمر رضي الله عنهما جي شرڪت

هي هڪ ننڍو رسالو آهي ”**جنازة الرسول ﷺ**“ جي نالي سان. هن جو پهريون پهريون حوالو مان هن رسالي ۾ لکيو آهي،

**{لما كفن رسول الله صلى الله عليه وسلم ووضع على سريره}**

نبي پاڪ ﷺ کي ڪفن وغيره پارايو ويو.

**{ووضع على سريره}**

کٽ مبارڪ تي رکيو ويو.

{دخل ابوبکر و عمر}
حضرت ابوبڪرؓ ۽ حضرت عمرؓ آيا. يعني ٻئي موجود آهن.
{ومعهما نفر من المهاجرين والانصار}
انهن سان گڏ مهاجر ۽ انصار موجود آهن.
{وصفوا صفوفًا} اچي ڪري نبي ﷺ جي جنازي جون صفون ٺاهيون.
{فقال ابوبکر و عمر و هما في الصف الاول حيال رسول الله ﷺ}
حضرت ابوبڪرؓ ۽ حضرت عمرؓ پهرين صف ۾ حضور ﷺ جي بلڪل سامهون بيهي نماز پڙهي رهيا آهن.
(سڀني اصحابن نبي اڪرم ﷺ جن جي جنازه نماز ادا ڪئي. ان بابت اهلسنت ۽ شيعن جي معتبر ڪتابن جا حوالا ۽ عڪس)

## اهل سنت جي ڪتابن جا حوالا ۽ عڪس:

❶ البدايہ و النهايہ (فصل ڪيفية الصلوٰة عليہ ﷺ)- اردو مترجم ج۵ ص ۳۶۱ ـ **(ڏسو عڪس صفحي ۸۲ تي)**
❷ طبقات ابن سعد اردو ج۱ حصو۲ ص ۲۳۸ (ذڪر الصلوٰة عليٰ رسول الله ﷺ) ـ **(ڏسو عڪس صفحي ۸۳ تي)**
❸ تاريخ ابن خلدون اردو ج۲ حصہ اول ص ۱۷۱
❹ سيرة حلبيہ ج۳ ص ۳۹۴

## شيعن جي معتبر ڪتابن جا حوالا ۽ عڪس:

❶ اصول ڪافي (مترجم الشافي) اردو ج ۳ ص۲۶، ۲۷ **(ڏسو عڪس صفحي ۸۴ تي)**
❷ حياة القلوب اردو ج ۲ ص ۱۰۲۲ **(ڏسو عڪس صفحي ۸۰ تي)**
❸ الاحتجاج طبرسي عربي ج۱ ص ۸۰ **(ڏسو عڪس صفحي ۸۱ تي)**
❹ مراة العقول عربي ج۵ ص ۲۶۶
❺ جلاءالعيون اردو ج ۱ ص ۱۵۳
❻ تفسير الصافي عربي ج ۴ ص۹۰

هي رسالو وٺي وڃو هن ۾ ڪيئي حوالا شيعن ۽ سنين جي ڪتابن جا ڏنل آهن. ۽ اهو حوالو بہ موجود آهي تہ ڪو بہ مهاجر يا انصار

نبي ﷺ جي جنازي پڙهڻ کان ڪونہ رهيو. سڀئي پاڪ پيغمبر ﷺ جي جنازي تي آيا هيا. مرد عورتون، وڏا ننڍا، مديني وارا، ٻيا ٻاهر پاسي وارا، سڀني پاڪ پيغمبر ﷺ جي جنازي نماز ادا ڪئي. الله توهان کي سمجھ ڏئي، الله توهان کي محمدي بڻائي، پاڪ پيغمبر ﷺ جي نقش قدم تي هلائي.

**هن مسئلي جي ڪجھ وضاحت:** پاڪ پيغمبر ﷺ جي جنازي نماز پڙهڻ ۾ ۽ عام امتي جي جنازي نماز پڙهڻ ۾ فرق هوندو آهي. عام امتيءَ لاءِ جنازي ۾ شامل سڀئي پڙهڻ وارا ان امتيءَ لاءِ مغفرت جي دعا گهرندا آهن پر امتي کي ڪهڙو حق آهي جو نبيﷺ جي لاءِ مغفرت جي دعا گهري سگهي. پاڪ پيغمبر ﷺ جو جنازو مبارڪ روضئ اقدس ۾ موجود هيو، ڏھ ڏھ ڄڻان داخل ٿي درود و سلام پڙهندا نڪرندا ويا. لکن جو تعداد هيو جن۾ انسانن کانسواءِ جن ۽ ملائڪ بہ شامل هيا جنهن سبب ٿي ڏينهن لڳي ويا. دشمنان دين جو اعتراض فضول ۽ بڪواس آهي.

## حضرت ابوبڪر رضي الله عنه پاڪ پيغمبر ﷺ جي مصلي تي

هي ڪنهن پرچيءَ ۾ لکيو آهي تہ ابوبڪرؓ کي تون پهريون خليفو ڇو ٿاهيو آهي؟ ملتان وارؤ! پاڪستان وارؤ! الله جو قسم آهي مان حضرت ابوبڪر کي پهريون خليفو ناهي ٺاهيو. مان تہ اُن زماني ۾ هُيس ئي ڪونہ. توهان جو ڇا خيال آهي تہ منهنجي ١٥٠٠ پندرهن سو سال عمر هوندي؟ يا ١٤٠٠ سو سال؟ هي ماڻهو تہ مون تي تهمت ٿا هڻن تہ ابوبڪرؓ کي تون خليفو ٺاهيو آهي.

منهنجا پيارا دوستو! ابوبڪرؓ کي مون خليفو ناهي ٺاهيو. ابوبڪرؓ کي خليفو خدا ڪيو آهي تہ مصلي تي محمد مصطفي ﷺ ويهاريو آهي. الله جو قسم مان تہ اُن وقت هُيُس ئي ڪونہ.

باقي مان الحمدلله، ان مسئلي جي تحقيق ضرور ڪئي آهي.
شيعہ مذهب جي ڪتاب **شرح نهج البلاغه الدُرة النجفيه** جي صفحي **۲۲۵** تي لکيل آهي تہ **{ڪان رسول الله صلى الله عليه وسلم يصلى بالناس}** نبي پاڪ ﷺ ماڻهن کي نماز پاڻ پڙهائيندا هيا. **{ثم اشتدَّ به المرض}** حضور ﷺ کي تڪليف گهڻي ٿي وئي. **{امر أبا بكر يصلّي بالناس}** نبي پاڪ ﷺ فرمايو ابوبڪر رضه مصلي تي تون اچي، ماڻهن کي نماز پڙهاءِ.

اہلِ ایماں کو کیا ہے، اس کی امامت میں کلام
خود امامِ دو جہاں ﷺ جس کو بنا جائیں امام

جناب محمد مصطفیٰ ﷺ ابوبڪر صديق رضه کي پاڻ پنهنجي مصلي تي بيهاريو آهي. حوالو شيعن جي ڪتاب جو آهي. ماشاءالله هِت (ملتان ۾ شيعہ) مولوي موجود آهن. انهن کان پڇو جيڪڏهن انهن کي حوالو نہ ملي تہ مون وٽ ڪتاب ڪٽي اچو انهن کي حوالو نہ ملندو مان توهان کي ڳولي ڏيندس. ڇو تہ شيعہ مولوين کي اڪثر (پنهنجن ڪتابن ۾) حوالا نظر نٿا اچن.

## شيعہ ڪتابن مان پاڪ پيغمبر ﷺ جي چئن نياڻن جو ثبوت

مون پنئين پيري تقرير ڪئي هئي تہ نبي ﷺ جون ڏيئرون چار آهن. هڪ شيعي مولوي چيو تہ اسانجي ڪتابن ۾ ناهي لکيل. منهنجو تہ اعلان آهي تہ جيڪڏهن شيعہ ڪتابن مان حوالو نہ ڏيکاريان تہ منهنجي سزا ڦاسي آهي حڪومت پاڪستان تي منهنجو خون معاف آهي.

امام جعفر صادق رحه جو معتبر فرمان،

پاڪ پيغمبر ﷺ جون نياڻيون چار. **(اصول ڪافي عربي ج ۱ ص ۲۷۸)**

شيعن جي معتبر ڪتابن مان نبي سائين ﷺ جي چئن نياڻن جو ثبوت:

❶ حياة القلوب اردو ج ۲ ص ۸۶۹ — **(ڏسو عڪس صفحو ۸۵ تي)**

❷ اصول ڪافي عربي ج ۱ ص ۲۷۸ — **(ڏسو عڪس صفحو ۸۶ تي)**

❸ قرب الاسناد ص عربي ص ۹ — **(ڏسو عڪس صفحو ۸۷ تي)**

❹ مراۃ العقول عربي ج۵ ص ۱۸۰

پر اهي حوالا شيعہ مولوين کي پنهنجن ڪتابن ۾ نظر نٿا اچن... ڪتاب ڪٽي اچن...

اصول ڪافي ڪٽي اچن...

مراۃ العقول ڪٽي اچن...

قرب الاسناد ڪٽي اچن...

حيات القلوب ڪٽي اچن...

تهذيب الاحڪام ڪٽي اچن...

منتهي الآمال ڪٽي اچن...

جيڪڏهن انهن جي ڪنهن هڪ ڪتاب مان بہ حوالو نہ ڏيکاري سگهان تہ مان پنهنجو مذهب اهل سنت والجماعت ڇڏي هنن جو مذهب شيعہ قبول ڪندس. آهي ڪو مرد ميدان جيڪو چئلنج قبول ڪري.

تڏهن تہ هي (شيعہ) منهنجي مٿان ناراض ٿيندا آهن، تہ هي (تونسوي) ماڻهن کي ڇو ٿو ڏسي تہ اسان جي ڪتابن ۾ هي هي لکيل آهي، نہ تہ ماڻهن کي ڪهڙي خبر ؟

مان تہ آهيان سادو ماڻهو هرڪنهن کي سچ ٻڌائيندو آهيان. مان تہ چاهيان ٿو تہ پاڪستان جي اندر اتحاد هجي. جڏهن شيعہ بہ جعفر صادقؒ جا غلام تہ سُني بہ جعفر صادقؒ جا غلام. جعفر صادقؒ فرمايو تہ پاڪ پيغمبر ﷺ جون نياڻيون چار. شيعہ بہ مڃن سُني بہ مڃن. تہ جهيڙو ئي نہ ٿئي. توهان جو ڇا خيال آهي تہ ملڪ جي اندر اتحاد هجي يا نہ هجي؟... (هجي)

باقي مان مجلس ۾ قرآن گواهہ ڪري ٿو چوان تہ شيعہ پنهنجي ڪنهن بہ ڪتاب مان جيڪڏهن اهو ڏيکارين تہ امام جعفر صادقؒ فرمايو هجي تہ پاڪ پيغمبر ﷺ جي ڌيءُ هڪ آهي ۽ باقي ٽي حضور ﷺ جون ناهن تہ مان شيعو ٿي ويندس. حوالو بہ شيعن جي ڪتاب مان هجي. بس ڪيڏي نہ هنن لاءِ آساني ڪري ڇڏي آهي.

(هي ملنگ) توهانکي تہ شيعو کن ٿا مونکي چونہ ٿا کن. حالانڪ مونکي شيعو کن ها تہ منهنجو بہ فائدو هو، انهن جو بہ فائدو هو. منهنجو فائدو اهو هو تہ اُتي انهن وٽ (تقرير ڪرڻ جي) فيس ڊبل آهي توهان وٽ فيس ڪونهي. انهن جو فائدو اهو هو تہ امام باڙا انهن جا اهل سنت سان ڀري ڇڏيان هان.

تہ شيعہ پنهنجن ڪتابن مان امام جعفر صادق جو معتبر فرمان ڏيڪارين تہ پاڪ محمد ﷺ جي ڏيءُ هڪ هئي ٿي نہ هيون تہ مان قرآن گواهہ ڪري ٿو چوان تہ مان شيعو ٿي ويندس. ۽ مان امام باڙي ۾ وڃي تقرير بہ ڪندس ۽ انهن اڪثر ماڻهن کي مان شيعو ڪندس. باقي ڪُٽيندا تہ (عام) ماڻهو، اسان تہ مِٺا مِٺا (هلڪا هلڪا) ڏڪ هڻندا سين، تہ اسان کي کهڙو گهاٽو آهي. اسان مولوي بہ چار ڏڪ هڻندا سين. باقي ڪُٽيندي پبلڪ پئي. اُتي توهان کي ڪجهہ نہ ڪجهہ تڪليف ٿيندي باقي منهنجو فائدو آهي. باقي مان (شيعو) انکري نٿو ٿئان جو انهن شيعن وٽ مسئلن جو ڪو ثبوت ناهي. هٽ رادو ٿاهيل مسئلن تي عمل ڪرڻ آخرت جو وڏو نقصان آهي. جيڪو هميشہ جو نڪاٽو آهي هيءَ دنيا ڏکي سکي گذري ويندي. الله تبارڪ و تعاليٰ پنهنجي حفظ و امان ۾ رکي آمين.

## هٽرادو اذان

هاڻي ٻڌو پيا تہ {علی ولی الله و خليفته بلا فصل} واري آذان جو انهن وٽ ثبوت ناهي. بلڪ هر سال نئون جملو وڌائيندا آهن.

منهنجو جڏهن ننڍپڻ جو زمانو هو تہ مان بہ انهن جي آذان ٻڌي هئي تڏهن هڪ لفظ وڌايو هُين. {اشهد ان علی ولی الله}.

ٻن ٽئن سالن کان پوءِ جو ٻڌي تہ ڪجهہ ٻيو وڌائي ڇڏين. {اشهد ان امير المؤمنين، و امام المتقين، علی ولی الله}

وري ٻن ٽئن سالن کان پوءِ جو ٻڌي تہ اجا ڪجهہ وڌائي ڇڏين. {اشهد ان امير المؤمنين، و امام المتقين، وقاتل المشرکين، علی ولی الله، وحجة الله}

هنن وٽ ڪا روڪ ٽوڪ تہ آهي ڪانہ. اڄڪلهہ توهان انهن جي آذان ٻڌو، ماڻهو مغرب جي نماز پڙهي گهر موٽي ايندا آهن، (پر) اِهي اڄا پيا آذان ڏيندا آهن. اڄا توهان کي ٻي ڳالهہ ڏسيان. تہ انهن جي امام باڙي ۾ اهو اڪيلو مؤذن ئي هوندو آهي متان توهان جو خيال هُجي تہ ڪا جماعت ٿيندي هوندي. بس ان مؤذن جي ڊيوٽي آهي تہ آذان ڏئي ايندو ڪر، متان ڪوئي (سُني) هيئن نہ چوي تہ هي ڪونهن، اسان بہ آهيون. (مطلب تہ) انهن جو سڄو پروگرام (يعني هر عبادت) صرف ماڻهن کي ڏيکارڻ لاءِ هوندي آهي. سڄي دنيا جون مزارون (تابوت) پنهنجي جاءِ تي بيٺا آهن پر انهن جا تابوت ڪلهن تي چڙهي اسان جي درن تي بيٺا آهن. پهريون هوريان هوريان پٽيندا ايندا. جڏهن سُنين جو در (يا مسجد) ڏسندا تہ انهن جي رفتار تيز ٿي ويندي ۽ هڪ ٻئي کي چوندا تہ هوشيار ٿي وڃو سُنين جي مسجد اچي وئي آهي. اُتي وري تڪا تڪا هٿ هڻندا. او خدا جا ٻانهو! ڪُتيو پنهنجا سينا ٽا، سُنين کي ڇا ٿيندو؟ خدا جي پناهہ. ڪا سوچ ناهي. ڪا سمجهہ ناهي. سڄو ڏيکاءُ وارو پروگرام نٽا.

## ابوبڪر صديق ﷺ پهريون خليفو

سُني ڀائرو! جيڪڏهن اسان ائين وڏائڻ وارا هجئون ها تہ صديق جونالو آذان ۾ وڌايون ها تہ ڪوئي اسان ڪان ڪڍرائي نہ سگهي ها. اهي اسپيڪر هر مسجد ۾ موجود آهن، مان ڀاڻ اها آذان ڏيان ها. ۽ پنهنجي جماعت کي عربي ۾ ٿاهي ڏيان ها. تہ {اشهد ان محمد رسول الله} کان پوءِ چوان ها. **اشهد ان اميرالمؤمنين و امام المتقين وقاتل المشرڪين... ابابڪر ولي رسول الله... وخليفته بلا فصل.** حالانڪ اهو تہ آهي ئي سچ.

ابوبڪر صديقؓ خليفتہ بلا فصل (يعني پهريون خليفو) ٿيو آهي يا نہ؟ ايمان سان ڏسيو، تہ حضرت ابوبڪرؓ، خليفتہ بلا فصل ٿيوآهي يا نہ؟ (ٿيو آهي)

خلافت بلافصل تي جيڪو چوڏهن سؤ سالن کان قبضو آهي اهو صديق جو آهي. شيعہ هاڻي ٿا پرچون لکن. او رب راضي ٿئيوَ، هاڻي تہ ڪيس جو مدو ئي ختم ٿي چڪو آهي.

سڄي دنيا شيعہ ٿئي، صديق خليفو پهريون.

سڄي دنيا سُني ٿئي، صديق خليفو پهريون.

پٽيشن جي مدت گذري چڪي. اپيل جو مدو خارج ٿي چڪو آهي. هاڻي جي توهان صديق جا دوست ٿئو، تڏهن بہ صديق خليفو پهريون. جي توهان (صديق جا) دشمن ٿئو، تڏهن بہ صديق خليفو پهريون. اسان جي دَرن تي پِٽيو ڪُٽيو، (تڏهن بہ) صديق خليفو پهريون. هاڻي ڪجهہ نہ ٿيندو.

دوستو! جنهن صديقؓ کي نبي ﷺ (پاڻ) پنهنجي مصلي تي بيهاري ويو هجي، ان کي هاڻي ڪير هٽائيندو.

ها، نبي پاڪ ﷺ جن فرمايو تہ صديقؓ اچ منهنجي مصلي تي تون بيهہ، ماڻهن کي نماز تون پڙهاءِ. نبي پاڪ ﷺ اُم المؤمنين سيده حفصہؓ کي فرمايو، شيعہ مذهب جي ڪتاب تفسير قُمي ۾ لکيل آهي ايران جي ڇپيل ڪتاب آهي:

نبي پاڪ ﷺ پنهنجي زوجہ مطهره سيده حفصہؓ کي فرمايو، حفصہؓ مان توکي ڳالهہ ٻڌايان.

**{إن ابا بكر يلي الخلافة بعدي ثم من بعده ابوك}**

مونکان پوءِ خلافت جو والي ابوبڪرؓ ۽ ابوبڪرؓ کانپوءِ عمرؓ.

**{فقالت من اخبرك}**

بيبي سائڻ عرض ڪري ٿي تہ يا رسول الله ﷺ توهان کي ڪنهن خبر ٻڌائي؟ ڪنهن (اهو) فيصلو ڪيو آهي. نبي پاڪ ﷺ فرمايو حفصہ !**{الله اخبرني}** مونکي الله پاڪ ٻڌايو آهي تہ مون کان پوءِ خليفو ابوبڪرؓ ۽ ابوبڪرؓ کانپوءِ عمرؓ ٿيندو.

(مڪتبه شامله: تفسير القمي 1/75 ـ التفسير الصافي 6/193) (تفسير مجمع البيان ج5 ص314)
**(ڏسو شيعه ڪتاب تفسير القمي جو عڪس صفحو ٨٨ تي)**

(نعره تڪبير.......... الله اڪبر)
(شان ختم نبوت ......... زنده باد)
(شان صديق اڪبر رضه..... زنده باد)
(خلافت صديق اڪبر رضه.... زنده باد)

## حضرت علي رضي الله عنه جي حضرت ابوبڪر رضي الله عنه جي هٿ تي بيعت

خدا فرمايو تہ مصطفیٰ ڪانپوءِ خليفو ابوبڪر رضه ۽ ابوبڪر رضه ڪانپوءِ عمر رضه ٿيندو. خدا بہ تسليم ڪري ٿو. محمد مصطفیٰ ﷺ بہ تسليم ڪري ٿو.

هاڻي اچو تہ پڇون حضرت علي سائين ڪان.

سهڻا علي رضه تون ٻڌاءِ. حضرت اسامہ پڇا ڪن ٿا تہ پير علي رضه
**"قال له أسامة: فهل بايعته ؟"**
ڇا توهان ابوبڪر رضه جي هٿ تي بيعت ڪئي آهي؟...
**"فقال: نعم يا اسامه"** منهنجي پير علي رضه فرمايو، ها اسامہ مون بيعت ڪئي آهي. (بحار الأنوار ـ العلامة المجلسي 93/29) (الاحتجاج طبرسي ج1 ص112)
ـ **(ڏسو شيعہ ڪتاب الاحتجاج جو عڪس صفحو ٨٩ تي)**

هوڏانهن مولا حسين رضه پنهنجا ٻچڙا پيهو ٿو کهائي ليڪن يزيد جي هٿ تي بيعت نہ ٿو ڪري. جيڪڏهن ابوبڪر صديق رضه سچو نہ هجي ها تہ سهڻو علي رضه ان جي هٿ تي بيعت نہ ڪري ها. ڪتاب شيعن جي، لکڻ وارا شيعہ، ڇپيل نجف اشرف جي. فيصلو پير علي رضه جو تہ علي رضه، ابوبڪر رضه جي هٿ تي بيعت ڪئي آهي.

اسان تہ آل محمد جا غلام آهيون. مسلمانو! توهان تہ پڙهيل لکيل ماڻهو آهيو. وڏي دماغ ۽ دولت وارو آهيو. مان محمدي آهيان.

مان آل محمد ﷺ جو غلام آهيان.

حضرت حسين رضه، يزيد کي نہ مڃيو، تہ اسان بہ نٿا مڃون.

حضرت عليؓ سائين، حضرت صديق اڪبرؓ ڪي مڃيو آهي تہ اسان بہ حضرت ابوبڪرؓ ڪي مڃون ٿا.

ايمان سان ٻڌايو، ڇا حضرت حسينؓ، يزيد جي بيعت ڪئي هئي؟ (نہ). زور سان چئو (نہ). جيڪو آهستي چوندو مان سمجهندس تہ اهو يزيد جي جماعت مان آهي. حضرت حسينؓ، يزيد جي هٿ تي هٿ رکيو هو؟ (نہ). شمر چوڻ لڳو، حسينؓ! تون يزيد جي هٿ تي هٿ رک. منهنجي پير حسينؓ چيو تہ شمر ٻڌي ڇڏ! حسينؓ جو هٿ خنجر تي اچي سگهي ٿو تير تي اچي سگهي ٿو تلوار تي اچي سگهي ٿو نيزي تي اچي سگهي ٿو. پر فاجر فاسق جي هٿ تي نہ ٿو اچي سگهي.

ڪٹا کر سر جِسے کرب وبلا میں یہ بتایا ہے
دَرِ باطل پہ جھک سکتی نہیں مؤمن کی پیشانی

وطن قربان ڪيائون. جائيداد قربان ڪيائون. مٽ مائٽ قربان ڪيائون. سر ڌڙ کان جدا ٿيو پر مولا حسينؓ جو هٿ يزيد جي هٿ تي نہ آيو.

جيڪڏهن حضرت ابوبڪر صديقؓ سچو نہ هيو تہ حضرت عليؓ بيعت ڇو ڪئي؟ شيعن پنهنجي ڪتاب ۾ ڇو لکيو آهي؟ ڪتاب توهان جي مذهب جي آهي. اڇو عدالت ۾ هلون ٿا. ڪتاب بہ صحيح آهي. جيڪڏهن اها ڪتاب شيعہ مذهب جي نہ هجي تہ منهنجي سزا ڦاسي آهي. جيڪڏهن اها ڳالهہ شيعن جي هن ڪتاب ۾ نہ لکيل هجي تہ عليؓ سائين، حضرت ابوبڪرؓ جي هٿ تي بيعت ڪئي آهي تہ منهنجي سزا ڦاسي آهي.

مان پاڪستان جي عدالت ۾ بہ شيعن جي ڪتابن مان اهو ثابت ڪري ڏيکاريندس تہ حضرت عليؓ سائين حضرت ابوبڪرؓ جي هٿ تي بيعت ڪئي آهي.

جيئن پير عليؓ، الله جو شير، صديق کي مڃيو آهي ائين تون بہ مڃ ۽ مان بہ مڃان تہ جيئن هن ملڪ جي اندر جهيڙو نہ ٿئي. ۽ امام جعفر صادقؒ بہ خوش ٿئي ڇو تہ حضرت ابوبڪرؓ، حضرت جعفر صادقؒ جو نانو آهي.

(حضرت جعفر صادقؒ خوش ٿيندو يا نہ ٿيندو؟ (خوش ٿيندو).

## خاندان نبوت ۽ صحابہ جي پاڻ ۾ رشتيداري

حضرت ابوبڪر صديقؓ، حضرت جعفر صادق جو نانو آهي تہ حضرت امير معاويہؓ، حضرت علي اڪبر جو نانو آهي. حضرت حسينؓ جو سُهرو آهي. حضرت حسينؓ، حضرت معاويہؓ جي ڀاڻيجي سان شادي ڪئي آهي، جنهن جو نالو بيبي ليليٰ آهي. حضرت معاويہؓ جي هڪ ڀيڻ نبي ﷺ جي گهر واري آهي تہ ٻي ڀيڻ حضرت حسينؓ جي سَسُ ۽ حضرت علي اڪبرؓ جي ناني آهي. (ڏسو شيعن جي ڪتابن جا حوالا: ❶ منتهي الآمال ج۱ صفحي ۴۶۴، ❷ مقاتل الطالبين صفحو ۵۲ ❸ ناسخ التواريخ ج۵ صفحو ۲۱۰ ❹ بهتر ستاري۷۲ صفحو۱۰۰)

**(ڏسو شيعہ ڪتاب جو عڪس صفحي۹٦ تي)**

توهان پاڻ شاديون سڻي خاندان مان ڪيو ٿا، ڇا نبيﷺ ۽ حسينؓ، لعنتي خاندان مان شادي ڪئي هئي؟... (نعوذبالله)

اهو صرف مان نہ پيو چوان، شيعن جي ڪتابن ۾ بہ لکيل آهي.

هي منهنجي هٿ ۾ شيعہ مذهب جي ڪتاب آهي جيڪا مان ايران مان وٺي آيو آهيان. مان ايران بہ ويو آهيان. توهان تہ گهر ويٺي تحقيق ڪئي هوندي.

مان خدا جي در تي، مڪي مڪرمہ ويو آهيان.

محمد مصطفيٰ ﷺ جي در تي، مديني منوره ويو آهيان.

علي المرتضيٰؓ جي در تي، نجف اشرف ويو آهيان.

۽ پير حسينؓ جي در تي، ڪربلا مُعلّيٰ بہ ويو آهيان.

مان زوار بہ آهيان. پر اها ٻي ڳالھ آهي جو ملنگ منهنجي زيارت لاءِ نہ ٿا اچن. مان تہ پاڪن جا فيصلا پيو ٿو ٻڌايان. مان توهان کي دعوت ٿو ڏيان تہ پاڪن جي در تي اچو.

## غير مسلمانن وارو طريقو

هي توهان کهڙو طريقو اختيار ڪري ويٺا آهيو جو، مجوسين وانگر سونٽان لڳائي ويٺا آهيو. تہ سِکَن وانگر لوھ جا ڪڙا پائي ويٺا آهيو. تہ يهودين وانگر ناروچائي ويٺا آهيو. ۽ سکن وانگر چوٽيون وڌائي ويٺا آهيو. ڇا ان طريقي جو سيدنا حسينؓ سان ڪو تعلق آهي؟ (نہ) ڇا اهي ڪڙا، سيدنا حسنؓ ۽ حسينؓ پائيندا هيا؟ ڇا زين العابدينؒ کي پارايا هُين؟

مون هڪ شيعي مولوي کي چيو، اي الله جا ٻانهؤ! هي ڪڙا تہ پنهنجن شيعن کان لهرايو. چيائين ڇا توکي (ان بابت) خبر نہ آهي؟ مون هن کي چيو تہ مونکي تہ اها خبر آهي تہ

نبي سائينﷺ، حسنؓ حسينؓ کي لوھ جا ڪڙا ناهن پارايا.

پيلا تون ڏس، پارايا آهن؟

چيائين: تہ نہ.

پيلا ٻڌاءِ تہ حضرت عليؓ سائين پارايا آهن؟.

چيائين: تہ نہ

وري مونکي چيائين تہ توکي خبر ناهي تہ شمر حضرت زين العابدينؒ کي لوھ جي هٿڪڙي پارائي هئي. مون چيومانس، پوءِ تہ توهان شمر جي طريقي تي پيا هلو، تڏهن توهان پنهنجن ٻچن کي بہ لوھ جا ڪڙا پارايا آهن. جيڪو ڪم شمر ڪيو، توهان اهو ڪندؤ؟ قسمت هنن ماڻهن جي. او خدا هدايت ڏئيوَ. ڪا تعليم حاصل ڪيو. مولوي پنهنجا موڪليو تہ مان توهان جي مولوين کي پڙهايان.

{من لايحضره الفقيه} جي صفحي ٥١ تي لکيل آهي.

هي شيعن جي (اصول اربعہ منجهان ڪتاب آهي) هن جي صفحي ۵۱ تي آهي:

نبي پاڪ ﷺ فرمايو،

"**لا يصلي الرجل وفي يده خاتم حديد**" (شيعن جو ڪتاب: من لا يحضره الفقيہ عربي ۴۲/ ٦)

جنهن ماڻهو جي هٿ ۾ لوهہ جي منڊي پاتل هجي اهو نماز ادا نہ ڪري، خدا هن جي نماز ڪي قبول ۽ منظور نہ ڪندو. **(ڏسو شيعہ ڪتاب من لا يحضره الفقيہ اردو واري جو عڪس صفحي ۹۱ تي)**

ملنگ تہ چوندا تہ ڀلي قبول نہ ڪري، اسان مسجد ۾ اچئون چو ٿا.

ٻي حديث ۾ اچي ٿو تہ نبي پاڪ ﷺ فرمايو:

"**ما طهر الله يدا فيها حلقة حديد**" **(من لا يحضره الفقيہ (۴۲/ ٦)**

جنهن ماڻهو جي هٿ ۾ لوهہ جا ڪڙا هوندا، خدا ان جي هٿ کي پاڪ نہ ڪندو، جهنم ۾ سڙندو رهندو. **ڏسو عڪس اردو وارو ص ۹۱ تي.**

شيعن جي مذهب ۾ هٿن ۾ ڪڙا پائڻ حرام آهي. ڪنهنجي مذهب ۾؟ شيعن جي مذهب ۾. اسان جو شيعہ مذهب تہ ناهي. باقي مان لوهارن جي خلاف ناهيان. توهان سائيڪل هلايو، ٽريڪٽر هلايو، هوائي جهاز لوه جا اڏايو. باقي لوهہ جا ڪڙا نہ پايو. نبي پاڪ ﷺ فرمايو جيڪو ماڻهو لوهہ جا ڪڙا پائيندو اهو جهنم ۾ ويندو. مردن لاءِ، عورتن لاءِ، ٻارن لاءِ، پوڙهن لاءِ لوهہ جا ڪڙا پائڻ شيعہ مذهب ۾ حرام آهي. باقي اسان تہ شيعہ ناهيون.

## ڪارو لباس

اچا ٻي ڳالهہ ٿو توهان کي ٻڌايان. شيعن جي مذهب ۾ ڪارو ڪپڙو پائڻ بہ ناجائز آهي. البتہ سُنين لاءِ جائز آهي. سُني ڀلي ڪڏهن ڪڏهن ڪاري دستار (پٽڪو) پائن. ڪاري چادر پائن. ڪارا جورابا پائن. اهل سنت وٽ ڪارو ڪپڙو پائڻ جائز آهي. شيعن جي مذهب ۾ ڪارو ڪپڙو پائڻ جائز ناهي. هن ساڳئي ڪتاب جي ساڳئي ئي

صفحي تي (يعني) {من لا يحضره الفقيه} جي صفحي ۵۱ تي لکيل آهي.
{وقال أمير المؤمنين عليه السلام} حضرت علي عليہ السلام فرمايو {فيما علم أصحابه:} حضرت عليؓ پنهنجي جماعت کي تعليم ڏني. شيعن جي معتبر ڪتاب {من لا يحضره الفقيه} جي صفحي ۵۱ تي آيو حضرت عليؓ سائين فرمائي ٿو. لوگو! {لا تلبسوا السواد} ڪارو ڪپڙو استعمال نہ ڪيو. سهڻا عليؓ، ڇو؟ فرمايائون. {فإنه لباس فرعون} اهو فرعون جو لباس آهي. **ڏسو شيعہ ڪتاب اردو واري جو عڪس صفحو ۹۰ تي**

اهو شيعن جو ڪتاب آهي تنهن ڪري شيعہ ڪارو ڪپڙو نہ پائن. ڇاڪاڻ تہ شيعن جي ڪاري لباس ۾ نماز پڙهڻ مڪروه آهي ڏسو توضيح المسائل مصنف شيعن جو امام خميني ۽ ابوالقاسم الموسوي الخوئي ۽ سيستاني جي توضيح المسائل ص ۱۴۴، هي ٽئي شيعن جا وڏا مجتهد آهن انهن جي فتويٰ آهي تہ ڪارن ڪپڙن ۾ شيعن کي نماز پڙهڻ مڪروه آهي ماشاءَ الله تہ پوءِ ثواب ڪٿان ملندو. باقي سني مذهب ۾ ڪارو ڪپڙو ڪڏهن ڪڏهن استعمال ڪرڻ جي اجازت آهي.

مان جيئن تہ شيعن ۽ سنين ٻنهي جو خيرخواهہ آهيان. مان تہ چاهيان ٿو تہ ٻئي سڌي راهہ تي هلن. انهن جي گهر دين ائين هجي جيئن پاڪ پيغمبر ﷺ جو فرمان هجي. توهان سني هن ڳالهہ تي راضي آهيو يا ناراض؟... (راضي)

## امامن سڳورن پنهنجن ٻارن جو نالو عمر رکيو آهي ان جو ثبوت

شيعہ مذهب جي ڪتاب تاريخ الائمہ جي صفحي ۴۳ تي لکيل آهي تہ حضرت علي شير خدا رضي الله عنه پنهنجي پٽ جو نالو عمر رکيو، ۽ تاريخ الائمہ جي صفحي ٦۳ تي آهي تہ حضرت حسن رضي الله عنه پنهنجي پٽ جو نالو عمر رکيو.

(جلاءُ العيون اردو ج۲ ص۲۵۸، ڪشف الغمہ ص ۱۲۲، چوده ستاري ص ۲۵۰)

**(ڏسو شيعہ ڪتاب جلاءُ العيون جو عڪس ص ۹۲ تي)**

تاريخ الائمہ جي صفحي ۸۳ تي لکيل آهي تہ حضرت حسين رضي الله عنہ عنہ پنهنجي هڪ فرزند جو نالو عمر رکيو آهي. (ڪشف الغمہ ص ۲۰۰، جلاءُ العيون اردو ج۲ ص۲۵۸)

منهنجا دوستو! توهان مان ڪو ماڻهو پنهنجي پٽ جو نالو شمر رکندو؟ (نہ) شمر اهل بيتؓ جو دشمن هو. سنين ۽ شيعن مان ڪوبہ پنهنجي ٻارن جو نالو شمر نہ ٿو رکي. ليڪن امام پاڪن ۽ اهل بيت اطهار رضي الله عنهم بار بار پنهنجن ٻارن جو نالو عمر رکي دنيا جي ماڻهن کي اهو ٻڌائي ويا آهن تہ اسانجو عمر سان پيار آهي. حضرت علي رضي الله عنہ جي ٽن پٽن جا نالا ابوبڪر، عمر ۽ عثمان هئا جيڪي ڪربلا جي زمين تي پنهنجي پيءُ امام حسينؓ سان گڏ شهيد ٿيا آهن ڇا شيعن ڪڏهن حضرت عليؓ جي فرزندن جي نالي تي ڪوئي نوحہ يا قصيدو ٺاهيو يا پڙهيو آهي هرگز نہ. ڇو؟ اگر شيعن کي انهن نالن سان بغض ۽ عداوت آهي تہ پوءِ سهڻي عليؓ پنهنجن پٽن تي اهي نالا ڇو رکيا؟ (جلاءُ العيون)

## پير علي رضي الله عنہ، صديق رضي الله عنہ جي پويان نمازون پڙهندا رهيا

هي پير عليؓ، ابوبڪر صديقؓ جي پويان نمازون بيٺو ٿو پڙهي. تہ (هاڻي ٻڌايو تہ) صديقؓ سچو يا ڪوڙو؟... (سچو)

احتجاج طبرسي ۾ لکيل آهي منهنجي پير عليؓ جي باري ۾ اچي ٿو.

**ثُمَّ قَامَ وَتَهَيَّأَ لِلصَّلاةِ، وَحَضَرَ الْمَسْجِدِ**

مولا عليؓ گهران روانو ٿيو، نماز جي تياري ڪيائين، مسجد ۾ داخل ٿيو.

**وَصَلَّى خَلْفَ أَبِي بَكْرٍ** (الاحتجاج ۱۰/ ۱۸، مراء ة العقول ج۵ ص ۳۴۰، حق اليقين)

حضرت ابوبڪرؓ جي پٺيان اچي نماز ادا ڪيائون.

**(ڏسو شيعہ ڪتاب جو عڪس ص ۹۳ تي)**

هاڻي هتان جا شيعه صاحبان، ٻاهران مولوي گهرائي مونکي گاريون ڏيندا. باقي هن حوالي جو جواب نه ڏيندا. ۽ ماڻهن کي پيا چوندا ته تونسوي کوڙ ٿو ڳالهائي، اسان جي ڪتابن ۾ ناهي لکيل.

## وڏو چالاڪ

وڏي عرصي جي ڳالهه آهي جڏهن مان هندستان مان تعليم حاصل ڪري آيو هيس ته اسان جي تونسه شريف ۾ شيعن جو هڪ وڏو عالم آيو هو. نبي ﷺ جي ڌيئرن جي باري ۾ تقرير ڪيائين (ته نبي ﷺ جي هڪ ڌيءَ آهي). مونکي ماڻهن ڏسيو. مون اعلان ڪيو ته ٺيڪ آهي ڏينهن جو انهن جي مجلس آهي ته رات جو منهنجي تقرير ٿيندي. مون رات جو اتي تقرير ڪئي. شيعن جي ڪتابن مان چاليهه (۴۰) حوالا پيش ڪيا، ته پاڪ پيغمبر ﷺ جون نياڻيون چار آهن. تنهن تي شيعه گهٻرائجي ويا. ڏاڍو پريشان ٿيا. صبح جو پنهنجي مولوي کي چيائون ته رات تونسوي اسان جي ڪتابن مان چاليهه حوالا ڏيکاريا آهن ته نبي ﷺ جون نياڻيون چار آهن، تون ته چوين پيو ته هڪ آهي. ته هن (ذاڪر) پڇين ته حوالا اسان شيعن جي ڪتاب مان پيو ڏيکاري يا پنهنجن (سُنين جي) ڪتابن مان پيو ڏيکاري؟ شيعن چيس ته سڀ حوالا اسان جي ڪتابن مان پيو ڏيکاري. ته ان تي هن ذاڪر چيو ته اها ئي ته تونسوي جي چالاڪي آهي جو پنهنجن ڪتابن مان حوالا ملنس نه ٿا، اسان جي ڪتابن جا پيو حوالا ڏيکاري.

هڪ شيعو مونسان مليو. مونکي چيائين ته تونسوي تون ته وڏو چالاڪ آهين. مون پڇيو مانس ته ڪيئن؟ چيائين ته توهان کي اسان جي ڪتابن جا حوالا ملن ٿا، ته نبي ﷺ جون نياڻيون چار آهن، توکي پنهجن ڪتابن مان حوالا نه ٿا ملن؟ مان چيومانس ٺيڪ آهي، جي اسان کي نه ٿا مِلن ته اسان ميجون نه ميجون، توهان شيعه ته ميجيو ته نبي ﷺ جون نياڻيون چار آهن. پر شيعي ان ڳالهه جو ڪو به جواب نه ڏنو. انهن ويچارن کي ته ڪا خبر ئي ڪانه ٿي پوي ته اسان ڇئون چا ٿا.

انڪري ھي ملنگن ڪي پيالا پري پياريندا آھن، آفيم ڪارائيندا آھن بوتلون پياريندا آھن. جيئن نشي ۾ ڌُت ھجن. بس چاٽي ياعلي.

ڇا اهو پاڪن جو طريقو آهي؟... ماشاءَ الله

هو ڇا سمجهندا، هي واعظ تہ مان توهان سنين لاءِ ٿو ڪيان.

باقي حوالن جو مان ضامن آهيان.

## اسان نبيءَ ﷺ ۽ علي رضي الله عنه جا غلام آهيون

جيڪڏهن شيعہ مولوي پنهنجن ڪتابن مان ڏيڪارين تہ پير عليؓ (ابوبڪر) صديقؓ جي زماني ۾ بہ ڪا مسجد ٺاهي هجي يا الڳ جماعت ڪرائي هجي. يا حضرت عليؓ پنهنجي مسجد ۾ پنهنجي دؤر خلافت ۾ {علي ولي الله و خليفته بلا فصل} واري آذان ڏياري هجي تہ مان سُني مذهب ڇڏي ڏيندس. حوالو بہ شيعہ پنهنجي ڪتاب مان ڏيڪارن. پر هي منهنجي دعوىٰ آهي تہ دنيا جا سڀ شيعہ مجتهد قيامت تائين حوالو نہ ڏيڪاري سگهندا. (ان شاءَ الله)

(بس رڳو) توهان (سُني) هوشيار ٿيو.
مذهب اسان جو سچو آهي.
مسئلا اسان جا سچا آهن.
اسان نبيﷺ ۽ عليؓ جا غلام آهيون.
حسينؓ اسان جو پير آهي.
زين العابدينؒ
محمد باقرؒ
جعفر صادقؒ
موسىٰ ڪاظمؒ
علي رضاؒ
محمد تقيؒ
علي نقيؒ

حسن عسڪريؒ

(انهن سڀني کي اسان) مڃڻ وارا آهيون.

توهان (سُني) سادا ماڻهو آهيو. توهان کان (شيعہ) اهو ٿا پڇرائن تہ (چا) تونسوي پنجن ۽ ٻارهن کي مڃيندو آهي؟

رڳو پنجن ۽ ٻارهن کي ڇو؟

خدا کي نہ مڃجي؟...

هڪ لک چوويهہ هزار نبي آيا، انهن کي نہ مڃجي؟...

خدا جي فرشتن کي نہ مڃجي؟...

خدا جي ڪتابن ۽ قرآن کي نہ مڃجي؟...

نبي ﷺ جي چاچي سيد الشهداءُ حضرت حمزةؓ کي نہ مڃجي؟...

پير عليؓ جي ڀاءُ حضرت جعفر طيارؓ کي نہ مڃجي؟...

بس صرف پنجن ۽ ٻارهن کي مڃجي؟...

اهي سڀ پنج ۽ ٻارهن آهن؟...

مولا عليؓ جا ارڙهن (١٨) پُٽ...

حضرت حسنؓ جا ٻارهن (١٢) پُٽ...

حضرت حسينؓ جا يارهن (١١) پُٽ...

امام زين العابدينؒ جا يارهن (١١) پُٽ...

امام محمد باقرؒ جا پنج (۵) پٽ...

امام جعفر صادقؒ جا نَو (٩) پٽ...

امام موسىٰ ڪاظمؒ جا پنجٽيهہ (٣۵) پُٽ آهن...

پر شيعہ مڃيندا آهن صرف ٻارهن کي. ۽ اسان سُني مڃيندا آهيون سڀني کي.

(نعره تڪبير..... الله اڪبر)

(شان صحابہؓ..... زنده باد)

(شان اهل بيتؓ..... زنده باد)

(شان اولياء .....زنده باد)

(اهل سنت والجماعت ... زنده باد)

هاڻي توهان ايمانداريءَ سان ٻڌايو، رڳو ٻارهن کي ميڙيندؤ يا سڀني کي ميڙيندؤ؟... (سڀني کي ميڙيندا سين) جيڪي چون ٿا تہ اسان سڀني کي ميڙيندا سين اُهي هٿ مٿي ڪن. ماشاءَ الله ... ماشاءَ الله

هتان جا ماڻهو تہ ڏاڍا مخلص ٿا لڳن. انهن تي الله جون رحمتون نازل ٿئين.

(هن پرچي واري) لکيو آهي، تہ حضرت معاويہؓ کي توهان ڇو ٿا ميڙيو؟ جنگ صفين ٿي آهي ۽ ان جو پُٽ يزيد بہ خراب هو.

حضرت نوح عليہ السلام جو پٽ جو خراب هو تہ هاڻي ڇا اسان نوح عليہ السلام کي گاريون ڏيئون؟ خدا جي پناھ.

ڇا حضرت نوح عليہ السلام جو پٽ خدا جو دشمن نہ هيو؟

ڇا هاڻي نوح عليہ السلام تي اسان تبرّا ڪيؤن ؟ (نعوذ بالله)

او! رب راضي ٿئي، اها قسمت جي ڳالهہ آهي. حضرت نوحؑ خدا جو شاگرد آهي تہ حضرت معاويہؓ محمد مصطفیٰ ﷺ جو شاگرد آهي.

اسان جو عقيدو آهي تہ خدا جا شاگرد بہ سچا تہ محمد مصطفیٰ ﷺ جا شاگرد بہ سچا.

## حضرت علي سائين رضي الله عنه صفين وارن کي مومن سڏيو آهي

باقي جنگ صفين يهودين جي سازش جي ڪري ٿي آهي. مولا عليؓ المرتضیٰ شير خدا جنگ صفين کانپوءِ گشتي آرڊر لکيا. نهج البلاغہ جلد ٽين جي صفحي ١٢٥ جي سِٽَ آخري تي موجود آهي.

مولا عليؓ جو گشتي پروانو موجود آهي. منهنجو پير عليؓ فرمائي ٿو:

{أنا التقينا والقوم من أهل الشام}
اسان ۽ اهل شام وارا پاڻ ۾ وڙهي پيا سين
{والظاهر أن ربنا واحد}
ظاهر ڳالھ آهي تہ اسان ٻنهي جماعتن جو ربّ بہ هڪ آهي
{ونبينا واحد}
اسان جو نبي بہ هڪ آهي
{ودعوتنا في الاسلام واحدة}
اسان جي دعوت اسلام بہ هڪ آهي
{لا نستزيدهم في الايمان بالله والتصديق برسوله صلى الله عليه وآله ولا يستزيدوننا}
الله ۽ الله جي رسول ﷺ جي مڃڻ ۾ اسان انهن کا وڌيڪ ناهيون اُهي اسان کان وڌيڪ ناهن.
{الامر واحد}
دين اسان جو هڪ آهي...
ايمان اسان جو هڪ آهي...
اسلام اسان جو هڪ آهي...
ڪلمو اسان جو هڪ آهي...
آذان اسان جي هڪ آهي...
نماز اسان جي هڪ آهي...
وضو اسان جو هڪ آهي...
{إلا ما اختلفنا فيه من دم عثمان}
حضرت عثمان﷜ جي دم ۾ اسان جو اختلاف ٿي پيو آهي.
{ونحن منه براء}
اسان ان ڳالھ کان بَري آهيون. مون علي﷜ جو عثمان﷜ جي قتل ۾ ڪو هٿ ناهي. (نهج البلاغة ٣/ ٨٦)
(ڏسو شيعہ ڪتاب جو عڪس صفحو ٩٤ تي)

---

هاڻي پير علي﷜ جنگ ڪانپوءِ گشتي پروانو پيو ٿو لکي مختلف امراء کي مختلف گورنرن ڏي. ان ۾ لکن ٿا تہ اُهي بہ مؤمن تہ اسان بہ

مؤمن. مان تہ حضرت عليؓ جو غلام آهيان. هي بہ ڳالھ شيعہ مذهب جي ڪتاب رجال ڪشي جي ص ۷۲ تي لکيل موجود آهي تہ حضرت حسنؓ ۽ حضرت حسينؓ، حضرت معاويہؓ جي هٿ تي بيعت ڪئي آهي.

**(ڏسو شيعہ جي معتبر ڪتاب رجال ڪشي جو عڪس ص۹۵ تي)**

هاڻي حضرت حسنؓ حسينؓ جھڙا، معاويہؓ جي هٿ تي بيعت ڪن، تہ مان اُن تي تبرّو ڪيئن ٿو ڪري سگهان؟ ڪتاب اسٽيج تي موجود آهي، لکڻ وارا شيعہ آهن. رجال ڪشي جو صفحو ۷۲... ماشاءَالله هت علماء موجود آهن، انهن کان معنيٰ پڇي سگهو ٿا.

باقي شان مولا عليؓ جو حضرت معاويہؓ کان مٿي آهي. حضرت معاويہؓ، حضرت عليؓ جي شان جي برابري نہ ٿو ڪري سگهي.

(نعره تڪبير ... الله اڪبر)

(شان حيدر ڪرار... زنده باد)

باقي عزيزو! نبي پاڪ ﷺ جن حضرت معاويہؓ کي ڪلمو پڙهايو آهي. ڪاتب الوحي ۽ منشي بڻايو آهي. نبي پاڪ ﷺ دعا ڪئي آهي.

{اللَّهُمَّ اجْعَلْهُ هَادِيًا مَهْدِيًّا} (سنن الترمذي ۵ / ۶۸۷)

اي الله منهنجي معاويہ کي هادي ۽ مهدي بڻاءِ.

حضرت عليؓ سائين بہ جنگ کانپوءِ فرمايو تہ اهي بہ مؤمن تہ اسان بہ مؤمن. (۽ قرآن ۾ آهي تہ "اِنَّمَا الْمُؤْمِنُوْنَ اِخْوَةٌ" مؤمن پاڻ ۾ ڀائر آهن سورة حجرات آيت ۱۰)

حضرت امام حسنؓ ۽ امام حسينؓ حضرت معاويہؓ جي هٿ تي بيعت ڪئي آهي. (هي ڏسو حوالا)

❶ رجال ڪشي صفحو ۸۶ ذڪر قيس بن سعد بن عبادةؓ مطبوعہ بيروت.

ڏسو **عڪس صفحي ۹۵ تي**

❷ جلاءُ العيون ج۱ ص ۳۷۸

❸ منتهي الآمال ج١ ص ٢٣٠ ذڪر صلح امام حسن
❹ بحار الانوار ج۴۴ ص ٦١ ڪيفية مصالحة الحسن…

حضرت حسينؓ، حضرت معاويهؓ جي پاٽيجي ليلىٰ سان شادي ڪئي آهي، جنهن مان حضرت علي اڪبرؒ پيدا ٿيو آهي. حوالا شيعه ڪتابن جا:

❶ بهتر ستارے ٢٧ صفحه ١٠٠ **(ڏسو عڪس صفحي ٩٦ تي)**
❷ منتهي الآمال ج١ ص ۴٦۴ دربيان ازواج طاهرات مطبوعه ايران.
❸ مقاتل الطالبين ص ٥٢ ذڪر امام حسنؓ.
❹ ناسخ التواريخ ج٥ ص ٢١٠ ذڪر علي بن ابي طالب ڪتاب التابعين

هاڻي مان توهان کي ڪجهه ڳالهيون ٻڌايان ٿو اهي ياد رکجو.
(ان شاءَ الله)

## اهل بيت رضي الله عنهم ۽ صحابه رضي الله عنهم جو پاڻ ۾ تعلق

حضرت معاويهؓ جي هڪ ڀيڻ سيده اُم حبيبهؓ، نبي ﷺ جي زوجه مطهره آهي، نبي ﷺ جي گهرواري آهي. ۽ حضرت معاويهؓ جي ٻي ڀيڻ بيبي ميمونهؓ حضرت حسينؓ جي سَسُ، ۽ حضرت علي اڪبرؒ جي ناني آهي (شيعه ڪتاب: مقاتل الطالبيين ١٠/ ١) (شيعه ڪتاب: بهتر٢٧ ستارے ص١٠٠)
**(ڏسو شيعه ڪتاب جو عڪس صفحي ٩٦ تي)**

ذاڪر ڏوهيڙا پڙهندا آهن ته پِيُو اڪبر دا… ته جيڪا ماءُ اڪبر جي آهي اها حضرت معاويهؓ جي پاٽيجي آهي. هاڻي حضرت علي اڪبرؒ جي ناناڻن کي مان لعنتي چئي سگهان ٿو؟ (نه)… توهان جيڪي سڀ هتي ويٺا آهيو توهان مان ڪنهنجا ناناڻا لعنتي آهن؟ (نه)… توهان جي ماءُ چڱي خاندان جي آهي يا ڪِني خاندان جي؟ (چڱي خاندان جي)… سياڻي کي ماڻهو چوندا ته يار هي کهڙو مولوي هو جيڪو اسان کان

پڇي پيو تہ توهان جي ماءُ ڪهڙي خاندان جي آهي... (دوستو) آخر دين جو مسئلو آهي، هاڻي توهان کي تہ پنهنجي ماءُ پياري آهي توهان مان ڪير نٿو چوي تہ منهنجي ماءُ ڪِني خاندان جي آهي. مان هاڻي چا چوان تہ حضرت علي اڪبرؒ جي ناني جيڪا آهي اُها لعنتي خاندان جي آهي (استغفر الله)... باقاعده ڪتابن ۾ شجرو نسب لکيو پيو آهي. حضرت حسينؓ جي گهرواري بيبي ليليٰؒ جيڪا بيبي ميمونہؓ جي ڌيءُ آهي، بيبي ميمونہؓ حضرت معاويہؓ جي ڀيڻ آهي ۽ حضرت ابوسفيانؓ جي ڌيءُ آهي. يعني حضرت علي اڪبرؒ جي جيڪا ناني آهي اُها حضرت معاويہؓ جي سڳي ڀيڻ آهي. هاڻي توهان ملتان وارا پاڻ فيصلو ڪيو، اڄ مان توهان جي خاندان کي چڱو سمجهان ٿو تہ توهان جا ناناڻا ايمان وارا آهن، توهان جي ماءُ چڱي خاندان جي آهي. هاڻي توهان اهو ڏسيو، تہ چا نبي ﷺ جا ساهُرا ۽ حسينؓ جا ساهُرا، علي اڪبرؒ جا ناناڻا لعنتي آهن؟ (نہ). نعوذ بالله هيءُ عقيدو آهي شيعن جو.

او! مرندي تہ مُنهن جو رنگ مٽجي ويندئي، منهنجي پير حسينؓ جي ساهُرَن کي لعنتي نہ چؤ. ملتان وارؤ! نبي سائين ﷺ کي تہ پورو سڃاڻيندا آهيو الائي نہ، حضرت حسينؓ کي تہ توهان سڃاڻيندا هوندؤ؟ يا (حضرت حسينؓ کي بہ) نہ ٿا سڃاڻيو؟ (سڃاڻيون ٿا)... حضرت حسينؓ بہ ان خاندان مان شادي ڪئي آهي، ۽ اهي حضرت علي اڪبرؒ جا ناناڻا آهن. تہ اڄ ڪانپوءِ توهان انهن کي ڪِنو چوندؤ؟(نہ). باقي خاندان مان ڪو هڪ ماڻهو خراب ٿي پوي تہ (ٻلي انکي) نہ ميو، نوح عَلَيۡهِ السَّلَامُ جو پُٽ جو خراب ٿي پيو تہ نہ ميبو، ان جو مطلب اهوتہ ناهي تہ توهان سڄي خاندان کي وڃنا لعنتي چؤ. هي جيڪي سڄو ڏينهن پيا ٿا لعنت وارا وظيفا پڙهن، مرڻ وقت انهن جا مُنهن ڏسڻ جهڙا نہ هوندا اٿوَ. الله تعاليٰ توهان ۽ اسان کي ان مصيبت کان بچائي. (آمين). الله سائين اسانکي نبي سهڻي ﷺ جو سچو غلام بڻائي (آمين). حضور سائين ﷺ جي نقش قدم تي هلائي (آمين).

## صديق اڪبر رضي الله عنه هر وقت نبي سائين صلى الله عليه وسلم سان گڏ

اهو ڪنهن (پرچيءَ ۾) لکيو آهي، تہ توهان جو ويٺا ابوبڪر رضي الله عنه جي ايڏي تعريف ڪيو، (ڇا) اهي جنگ بدر ۾ نبي ﷺ سان گڏ هيا؟

او! رب راضي ٿيئي، جنگ بدر ۾ نبي سائين ﷺ جن جو پهرو ڏيڻ وارو ئي ابوبڪر رضي الله عنه هيو. نبي ﷺ جو پهريدار جنگ بدر ۾ صديق رضي الله عنه هيو. ۽ غزوه احد ۾ جڏهن مسلمان منتشر ٿي ويا هيا، شيعہ مذهب جي ڪتاب ڪشف الغمہ ۾ لکيل آهي تہ (ان وقت بہ) منهنجو پير ابوبڪر رضي الله عنه پاڪ محمد ﷺ سان گڏ بيٺو هيو. توهان ڪي بہ الله تعالیٰ توفيق ڏئي، سوچيو سمجهو. شايد ٿي سگهي ٿو هي دوست ڀُليو هجي، جوغزوه احد لکڻ جي بدران غزوه بدر لکجي ويو هجيس. غزوه بدر جي اندر تہ صديق رضي الله عنه جي ڊيوٽي ئي اها هئي تہ پاڪ محمد ﷺ جو پهرو ڏئي. واهہ ڙي صديق رضي الله عنه، تون ڪيڏو تہ خوش قسمت آهين، ڪيڏو تہ بخت وارو جوان آهين، جو هر وقت نبي ﷺ سان گڏ رهيو آهين.

گهر ۾ نبي ﷺ سان گڏ... درتي نبي ﷺ سان گڏ... ٻاهر نبي ﷺ سان گڏ... شهر ۾ نبي ﷺ سان گڏ... غار ۾ نبي ﷺ سان گڏ تہ ... اڄ ڏينهن تائين مزار ۾ بہ نبي ﷺ سان گڏ آهي... سڄي دنيا جا مسلمان حضور ﷺ جي روضي جي زيارت لاءِ سِڪن ٿا، ليڪن منهنجو پير ابوبڪر صديق رضي الله عنه روضي واري سان گڏ سُتل آهي.

باقي جيڪڏهن ڪنهن مولويءَ ڪي حوالو نہ ملي انهن ڪي چئجانءِ تہ عبدالستار تونسوي وٽ ڪتاب موجود آهي، ڪشف الغمہ جي صفحي ۵۴ تي لکيل آهي تہ منهنجو پير ابوبڪر صديق رضي الله عنه غزوه احد جي اندر پاڪ پيغمبر ﷺ سان گڏ بيٺو هيو. ڪاٿي هيو؟ (نبي ﷺ سان گڏ هيو). ابوبڪر صديق رضي الله عنه ڪهڙي مقام تي هيو؟ (نبيءَ سان گڏ). ۽ شيعہ چوَ ٿا لکن، لکن ٿا تہ نبي پاڪ ﷺ غزوه احد ۾ موجود آهن، ڪافرن جو حملو ٿي پيو ماڻهو ڪافي سارا منتشر ٿي ويا، نبي پاڪ ﷺ سان گڏ چوڏهن ۱۴ جوان موجود آهن، {**سبعة من المهاجرين و سبعة من الأنصار**} ست

مهاجر تہ ست انصار منهنجي پاڪ پيغمبر ﷺ سان گڏ موجود آهن. هاڻي ڏسون ٿا تہ شيعن جي ان ڪتاب ڪشف الغمہ جي صفحي ۵۴ تي مهاجرين صحابہ مان پهريون پهريون ڪنهن جو نالو آهي... {**أبوبكر و عبد الرحمن بن عوف و علي**} (شيعہ ڪتاب ڪشف الغمہ ۱/۱۸۴) حضرت ابوبڪر صديقؓ جو نالو پهرئين نمبر تي موجود آهي، (يعني) پاڪ پيغمبر ﷺ سان گڏ موجود آهن.

(نعره تڪبير ...... الله اڪبر)

## هجرت ۾ صديق رضي الله عنہ نبي سائين ﷺ سان گڏ

هاڻي هڪ ٻيو نقتو توهان کي ڏسيان ٿو؟ جنگ تي جڏهن حضور ﷺ جن ويندا هيا، تہ ڪافي فوجون هونديون هيون، ڪافي ماڻهو ساڻ گڏ هوندا هيا. پر جڏهن حضور ﷺ هجرت ڪئي هئي تہ پاڪ پيغمبر ﷺ جي جماعت اڃا پوري تيار نہ ٿي هئي. الله مثال جي طور بيان ڪري ٿو تہ اي لوگو!

{ إِلَّا تَنصُرُوهُ فَقَدْ نَصَرَهُ اللَّهُ }

جيڪڏهن توهان منهنجي پاڪ پيغمبر ﷺ جي نُصرت ۽ مدد نہ ڪئي، تہ اڳي بہ مان خدا نصرت ۽ مدد ڪئي هئي، هاڻي بہ مان خدا ڪندس... اي ربّ! تو ڪڏهن مدد نبي ﷺ جي ڪئي هئي؟ الله پاڪ فرمايو:

{ إِذْ أَخْرَجَهُ الَّذِينَ كَفَرُوا ثَانِيَ اثْنَيْنِ إِذْ هُمَا فِي الْغَارِ }

منهنجي پاڪ پيغمبر ﷺ کي مڪي وارن ماڻهن مڪي مان ڪڍي ڇڏيو، هڪ منهنجو سهڻو محمد ﷺ، ٻيو صديقؓ نبيءَ سان گڏ هيو، ان ڪانپوءِ ان ڪانسواءِ ٻيو ڪو گواهہ نہ هيو.

الله تعاليٰ مشڪل ڪان مشڪل وقت جيڪو نبي ﷺ جو بيان ڪيو آهي، اهو هجرت جو سفر بيان ڪيو آهي. تہ ان مشڪل وقت ۾ حضرت ابوبڪر صديقؓ، نبي ﷺ سان گڏ هيو.

شيعن جي ڪتابن ۾ بہ اها ڳالھ لکيل آهي. تفسير حسن عسڪري واري لکيو آهي. الله جو آرڊر آيو منهنجا مصطفيٰ ﷺ گهر جي اندر عليؓ کي ترساءِ. ماڻهن جون امانتون عليؓ جي حوالي ڪر. ڇوتہ عرب جي ماڻهن جون امانتون پاڪ پيغمبر ﷺ وٽ رکيل هيون. پاڻ سڀورا ﷺ امانت ۽ صداقت ۾ سڄي عرب ۾ مشهور هيا. تہ الله پاڪ جو آرڊر آيو تہ عليؓ کي پنهنجي گهر ترساءِ. ماڻهن جون امانتون عليؓ جي حوالي ڪر. الله جو توهان کي حڪم آهي تہ ابوبڪرؓ کي پاڻ سان گڏ وٺي وڃو. واھ صديق تنهنجو شان. سڄي دنيا کي حڪم ملي ٿو تہ توهان محمد ﷺ جا يار ٿيو. سهڻي مدني ﷺ کي الله پاڪ فرمائي ٿو تہ توهان صديق جا يار ٿيو.

الله جو آرڊر آيو تہ صديقؓ کي ساڻ وٺي وڃو. مخلوق جون امانتون عليؓ جي حوالي، تہ خالق جي امانت صديقؓ جي حوالي.

ڇا صديقؓ بي وفا هو؟ نبي ﷺ کي ڇڏڻ وارو هو؟ جي ڇڏڻ وارو هجي ها تہ هن مشڪل وقت ۾ نبي ﷺ کي چوي ها تہ مان توهان سان گڏ نہ ٿو هلان. ڪافر هن ڳالھ تي هڪ ٿي ويا تہ نبي ﷺ کي قتل ڪندا سون، صديق چوي ها تہ مان نہ ٿو هلان مونکي بہ قتل ڪري ڇڏيندا. غزواة حيدري (شيعن جو معتبر ڪتاب آهي ان) ۾ شيعن لکيو آهي. جيڪڏهن توهان کي عربي سمجھ ۾ نہ ٿي اچي تہ مون وٽ هي اردو ترجمي وارو ڪتاب بہ شيعن جو پيو آهي جيڪو (انڊيا) لکنؤ جو ڇپيل آهي. {غزوات حيدري}... هن جو مصنف مرزا بادل لکي ٿو تہ {جناب نبيؐ پنهنجي گهران نڪتا ۽ ابوبڪرؓ بن ابوقحافہ جي گهر آيا. نبي پاڪ ﷺ روانا ٿيا، ابوبڪرؓ جي در تي اچي آواز ڏنائون. گهر کان ٻاهر سڏي پاڻ سان گڏ وٺي ويا. نبي ﷺ (حضرت ابوبڪرؓ کي) پاڻ سان گڏ وٺي ويا. ڇو تہ خدا پاڪ فرمايو تہ صديقؓ کي پاڻ سان گڏ وٺي وڃ. هي اُهو ئي خدا آهي، جنهن نبي پاڪ ﷺ جن کي فرمايو، منهنجا پاڪ پيغمبر ﷺ!

{ يٰٓاَيُّهَا النَّبِيُّ جَاهِدِ الْكُفَّارَ وَالْمُنٰفِقِيْنَ } اي پيغمبر! ڪافرن ۽ منافقن سان جهاد ڪر.
{وَاغْلُظْ عَلَيْهِمْ}۽ مٿن سختي ڪر (توبہ آيت ٧٣)
{وَلَا تُصَلِّ عَلٰٓى اَحَدٍ مِّنْهُمْ مَّاتَ اَبَدًا وَّلَا تَقُمْ عَلٰى قَبْرِهٖ } (توبہ آيت ٨٤)
(۽ منجهائنئن جيڪو مري تنهن تي بلڪل نماز نہ پڙهہ ۽ نڪي سندس قبر تي بيهہ)

(يعني) جيڪڏهن ڪو منافق مري وڃي تہ هميشہ جي لاءِ منافق جو جنازو نہ پڙهو. بلڪ منافق جي قبر جي ويجهو بہ نہ وڃو.

جيڪو خدا، مصطفيٰ ﷺ کي منافق جي قبر جي ويجهو بہ نہ ٿو وڃڻ ڏئي، اهو ئي خدا چوي ٿو تہ ابوبڪرؓ کي پاڻ سان گڏ وٺي وڃ. ۽ سڄي ڪائنات کي ڏيکار تہ ابوبڪر صديقؓ مونسان در تي بہ گڏ، ٻاهر بہ گڏ، غار ۾ بہ گڏ، تہ مزار ۾ بہ گڏ آهي. هي صديقؓ سچو هو يا ڪوڙو؟ (سچو).

مُئل مُنافق جي قبر تي ويجهو بہ نہ وڃ، ۽ زنده سان مٿي مائٽي ڪر؟ (افسوس آهي شيعن جي عقل تي)

مري ويل مُنافق جي قبر جي بہ ويجهو نہ اچ، ۽ زندهہ منافق کي پنهنجي گهر ۾ رهاءِ؟ انهن سان مٿي مائٽي ڪر؟ ڇا ان جي اجازت آهي؟

مونکي اها ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ ٿي اچي تہ ماڻهو صديقؓ جا دشمن ڇو ٿا ٿين؟ الله جو قسم آهي، مونکي اها ڳالهہ سمجهہ ۾ نٿي اچي. (بس ساڙ ۾ ڪوئي) دشمن ٿئي تہ ٿئي پر ڪوبہ عقلمند ماڻهو صديق جو دشمن نہ ٿو ٿي سگهي.

## سهڻي صديق رضي الله عنه ڏنو، سهڻي علي رضي الله عنه ورتو

حضرت ابوبڪر صديقؓ، سهڻي مصطفيٰ ﷺ جو عاشق آهي، سڄي زندگي قرباني ڏيندو رهيو آهي، ورتو تہ ڪجهہ بہ نہ اٿن. ڇا نبي ﷺ ڪان مال ورتو اٿن؟ (نہ). جائداد ورتي اٿن؟(نہ). سَگ ورتو اٿن؟(نہ).

پوءِ منافق ڪيئن ٿيو؟ جيڪڏهن دنيا جي ڪا شيءِ ورتي هجئي تہ توهان چئو ها تہ لالچ جي ڪري نبي ﷺ سان گڏ رهيو.

او شيعو! صديقؓ تي تهمت نہ لڳايو، عليؓ جو شان نہ گهٽايو. عليؓ، نبي ﷺ ڪان سَڱ ورتو آهي. جيڪو ڏيڻ واري ڪي نہ ٿو مڃي اهو وٺڻ واري ڪي ڪهڙو مڃيندو؟ هرڪوئي چوندو تہ سَڱ وٺڻ لاءِ ڪلمو پڙهيو هوندائين (نعوذ بالله).

حضرت عليؓ سائين، نبيﷺ سائينءَ ڪان ماني ورتي. نبيﷺ سائين ڪان لَٽو ورتائين. نبيﷺ سائينءَ ڪان گهر ورتائين. نبيﷺ سائين ڪان سيده فاطمہؓ جو سڱ ورتائين. صديقؓ اهو آهي، جنهن سڀ ڪجھ نبيﷺ سائين کي ڏنو آهي. عليؓ، نبيﷺ ڪان وٺندو رهيو. صديقؓ، نبيءَﷺ ڪي ڏيندو رهيو. جيڪو ڏيڻ واري ڪي سچو نہ ٿو مڃي تہ اهو وٺڻ واري ڪي سچو ڪيئن مڃيندو، هر ڪو چوندو تہ سڱ وٺڻ لاءِ ڪلمو پڙهيو هونداٸين. وڏو فائدو حاصل ڪيائين. چا حضرت عليؓ سائين ٿورو فائدو حاصل ڪيو يا گهڻو؟ (گهڻو). سيدة النساء فاطمة الزهرا بتولؓ جو سَڱ ورتائون. اِهو عليؓ ڪي ٿورو فائدو آهي يا گهڻو؟ (گهڻو)... حضرت عليؓ ڪي ننڍو فائدو آهي وڏو؟ (وڏو)... ربّ راضي ٿئي، عليؓ تي نبيﷺ جو احسان آهي جو عليؓ ڪي نبي سائينءَ، فاطمة الزهرا سيدة النساء جو سَڱ ڏنو. ۽ نبي ﷺ تي صديقؓ جو احسان آهي جو سهڻي مصطفيٰ ﷺ ڪي ٧ سالن جي ڌيءُ سان نڪاح ڪرايائين، (۽ جڏهن بيبي عائشہؓ ٩ سالن جي ٿي تہ شادي (رخصتي) ڪيائين.

(نعره تڪبير ... الله اڪبر)

(صديقہ ڪائنات، عائشہ صديقہؓ... زنده باد)

نبي پاڪ ﷺ حق مهر ڏيڻ چاهين ٿا. حضرت ابوبڪر صديقؓ عرض ڪن ٿا مان ۽ منهنجو مال سهڻي مصطفيٰ ﷺ تي قربان. يا رسول الله ﷺ مهر مان پاڻ ئي ادا ڪندس.(سيرت عائشہؓ صفحو ١٦)

هجرت واري رات صديقؓ اڪبر ٤٠،٠٠٠ (چاليهه هزار) درهم بارگاه نبوت ۾ پيش ڪيا آهن. سواريءَ لاءِ ٻه ڏاچيون به ڏنيون آهن، (البدايه والنهايه ج٣ ص ١٧٨) جاڻي سواريءَ لاءِ سواري نه هئي، اتي نبي پاڪ ﷺ کي ڪلهن تي کڻي غار تائين پهچايائون. (سيرت حلبيه ج٢ ص٣٦، ۽ شيعه ڪتاب حمله حيدري ص ٢٨ طهران- بحواله تجليات آفتاب ج١ ص ٣٣٥) الله جو قسم آهي صرف پهچايو ناهي پر جڏهن ڪان گڏ ويا آهن ته اڄ ڏينهن تائين واپس نه موٽيا آهن... اهي بي وفا آهن؟ قسمت توهانجي.

چون ٿا فدڪ ڪائي ويو. چڱو توهان پنهنجن ڪتابن مان ڏيکاريو ته ڪنهن امام پاڪ چيو هجي ته صديقؓ فدڪ پنهنجي زال ٻارن يا پنهنجي خاندان جي نالي ڪرايو هجي. اِهو ثابت ڪن ته مان شيعو ٿي ويندس. حوالو به شيعه ڪتابن مان ڏيکارن.

## باغ فدڪ

منهنجيون ڳالهيون توهان کي سمجهه ۾ اچن ٿيون؟ (ها). فدڪ واري باغ جي ڳالهه پئي هلي. او! رب راضي ٿئي منهنجو هي اعلان آهي ته جيڪڏهن امام پاڪ اهو فرمايو هجي پلي شيعن جي ڪتابن ۾ هجي ته ابوبڪر صديقؓ فدڪ جو باغ پنهنجي ٻارن ٻچن يا پنهنجي خاندان جي نالي ڪرائي ويو هجي، ته مان شيعو ٿي ويندس. مان ته شيعن جا ڪتاب به پڙهيا آهن ۽ سُنين جا ڪتاب به پڙهيا آهن. الله جو قسم صديقؓ اهو پاڪيزه جوان آهي جنهن جي شان جو مقابلو نوري فرشتا به نه ٿا ڪري سگهن. او! رب راضي ٿئيوَ شيعن لکيو آهي ته صديقؓ چيو خاتون جنت کي ”سيده توهان کي مال جي ضرورت آهي ته منهنجي سڄي جائداد حاضر آهي“ شيعه عالم علامه باقر مجلسي حق اليقين (اردو جلد١ صفحو٢٢٧) ۾ لکيو آهي ۽ احتجاج طبرسي واري به لکيو آهي اهو شيعن جو وڏو مفسر ۽ مجتهد آهي. صديقؓ چيو سيده {*انکار فضل تو کسے نمے تواند کرد*} خاتون جنتؓ توهانجي بزرگيءَ جو انڪار ڪوئي نه ٿو ڪري سگهي. {*حکم تو نافذ است در مال من*} منهنجي جائداد مان جيئن وڻيوَ تيئن

فيصلو ڪيو. {امادر اموال مسلمانان مخالفت گفتهٔ پدر تو نے توانم کرد} منهنجو مال توهان جو... منهنجي جائداد توهان جي... جيڪو ڪجھ صديق جي گھر ۾ موجود آهي اهو توهان جي در تي قربان آهي... پر توهان جي پياري بابي محمد مصطفيٰ ﷺجي ڪمن ۾ مان مداخلت نٿو ڪري سگهان...

اهو غاصب ٿيو؟ جيڪو نبي ﷺ جي فيصلي ۾ مداخلت نہ ڪري...

نبي ﷺ جو فيصلو تبديل نہ ڪري...

نبي ﷺ جي سنتن ڪي تبديل نہ ڪري...

نبي ﷺ جي ڪمن ۾ هيرا ڦيري نہ ڪري، توهان ملتان ۽ پاڪستان وارا ان ڪي غاصب چوندا آهيو؟ (نہ نہ)... تہ پوءِ هي شيعہ ڇو ٿا لکن؟

(حضرت ابوبڪر صديقؓ فرمايو) سيدهؓ! توهان جي بزرگيءَ جو انڪار ڪوئي نہ ٿو ڪري.

{اموال واحوال خود را از تو مضائقہ ندارم}

منهنجو مال توهانجو مال آهي...

منهنجي جائيداد توهانجي جائيداد آهي...

جيڪو ڪجھ منهنجي گھر ۾ موجود آهي اهو توهان جي در تي قربان آهي. پر مان توهان جي سهڻي بابا، محمد مصطفيٰ ﷺ جن جي فيصلي ۾ مداخلت نٿو ڪري سگهان.

بخاري ۾ اچي ٿو تہ ابوبڪر صديقؓ چيو: سيده! ابوقحافہ جي پٽ (ابوبڪر) ۾ اها طاقت ناهي جو نبي ﷺ جي فيصلي ۾ دخل ڏئي.

توهان جو ڇا خيال آهي تہ (ابوبڪرؓ) نبي ﷺ جي فيصلي ڪي تبديل ڪري ڇڏي ها؟ (نہ)... زور سان چئو (نہ)...پوءِ توهان خوش ٿيو ها (جڏهن) صديقؓ، نبيﷺجي فيصلي ڪي تبديل ڪري ڇڏي ها؟... (نہ) ڏاڍيان چئو؟ (نہ)

حوالو توهان کي سمجھ ۾ آيو؟... ڳالھ توهانکي سمجھ ۾ اچي ٿي؟... ڇا هي غاصب آهي؟ جيڪو چوي ٿو تہ سيده منهنجي سڀ جائيداد توهانجي در تي قربان آهي پر نبي پاڪ ﷺ جي فيصلي ۾ دخل نہ ٿو ڏئي سگهان. ڳالھ منهنجي توهانکي سمجھ ۾ اچي ٿي؟ (جي سائين) سڀني کي (جي سائين) پوري مجمعي کي (جي سائين).

هاڻي توهان تقريرون تہ وڏيون ڀڏيون هونديون پر مان ٿو چاهيان تہ توهان کي مسئلو مان سمجھائي وڃان. مان عالمن جو خادم آهيان. ۽ توهان ملتان وارا ڪاروباري ۽ وڏا پڙهيل لکيل ماڻهو آهيو.

